


سُونھن

جون سَوَ صوُرتون

شاھ محمد پيرزادو

08/02/2014.

سُونهن جون سَوَ صُورتون

(پيو چاپو، واڌاري سان)

(شاعري)

شاهہ محمد پيرزادو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا ڪتاب جي ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: سونهن جون سو صورتون

(شاعري)

شاعر: شاهہ محمد پيرڏادو

پهريون چاپو: جون 2003ع

ٻيو چاپو: جنوري 2014ع

ٽائيٽل : فرحان پيرزادو

ڪمپوزنگ،لي آئوٽ: مهتاب علي مگريو

Q_ Printers : ڇپيندڙ

ڇپائيندڙ : شهرزاد

SCHEHERZADE

www.scheherzade.com.pk
info@scheherzade.com.pk

بي ـ 155، بلاڪ 5، گلشن اقبال، ڪراچي ـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتساب

Tribute to family & friends

سوانحي غزل

زندگي منهنجي حصي ۾ جيڪا آئي
سارُ خوشين جي اداسائي به آئي

باک، نيڪي، هير، گهر جون رونقون ۽
آ وشال مَنَڌار ، مثال ان ڪان سوائي

دل جي دهڙ دهڙ جون صدائون جو ڪَنايون
آ اچي ارشاد منهنجي دل پَڏائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حوصلن کي پَست ٿيندي جيئن ڏنو آ
فيض ۽ آصف جي ياري راس آئي

هڪڙي لمحي ۾ اچي مان قيد ٿيو هان
ان جي گذرڻ جي گهڙي پر کا نہ آئي

پينرون ٿيون چپريون تائي اُٿت ۾
پاڻ پاجائي به جڙ منهنجي کمائي

ساز کيڏي پيار مان "بابا" چوي ٿو
هيءَ به هڪڙي سوکڙي آهي خدائي

دل چوي بابي امان کي کو ٻڌائي
اڄ وري ڏاڏي اوهان جي ياد آئي

ٻاک، نيڪي، هير = ڏيئرن جا نالا
وشال ۽ مثال = پٽن جا نالا
ارشاد = گهرواري
فيض = فيض الله ٻيرزادو (دوست)
آصف = آصف فرخي (دوست)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

مهاڳ انور پيرزادو	01
نظم	
نراسا وفائون	11
ڇهڙ جو اثر	13
آلي اکڙ جي ياد	15
سمنڊ جون ڇوليون	18
هلي آ	20
خواب ۾ کهڙو اچڻ	22
عشق جي دعوي ڪري ٿي	25
ڇيهون ڇيهون دل کي	27
مون_سون_ 2001	29
ڪرنٽ دل تي ٿي هلائين	30
تنهنجي بي رخي ڏسي	32
پلا جي سڪ تنهنجي لاءِ	33
متان وڃين تون	34
من وتو	35
تصور ۾	37
تون زماني جي نگاهن ۾	38
ڇو لڳي ٿو ائين	39
تون جڏهن کان	40
هلي آ زمانا	41
جسم تنهنجي جي مهڪ	42
وقت جي پيرن ۾	44
اڇين ٿي اکين ۾	46
لڳي ٿو ته تو بن	48
مونکي ته منهنجي هٿ جيڏي	49
هوءَ گهرجي	
منهنجي اکين ۾ ڪپائي نيٺ	51
تنهنجي هڪڙي چمي مسيحا آ	52
ايٽمي ڏماکي جو جشن	53
چوان ٿو ته لکجي	55
تنهنجي طلب	57
اوا ڏکڻ جي هير	58
جدائيءَ جون ڳالهيون	59
جڏهن منهنجون نظرون	60
اڇکلهه هر هڪ ڏينهن	61
هن دفعي سال جو	62
مان ڏکندو اچي پهتم	63
وري تون وڃي ٿي	64
اکين ۾ ڪجل ساڻ	66
هوءَ منهنجي ڪيترو ويجهو اچي	67
تون جڏهن ٿي آڳ ٿي پئين	68
راتاڪون تنهنجون	70
مون ته پنهنجا هٿ ساڙي	72
تون جا منهجو خواب آهين	73
لوڊشيڊنگ	74
ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آ	77
پلاهن بي يقينيءَ ۾	79
وسوسا ڪيڏو وڪوڙي	80
تون ڪاوڙجي وئي آن	81
دنيا جا سرمائيدارو	82
مان تنهنجي اکين ۾	83
هوئين ته زندگي ڪيڏي	84
تنهنجي پاسي کان	85
تنهنجي لاتل ڪپڑن ۾	86
تون منهنجي نه ٿي ٿي	87
لڳي ٿو تون	89
ان ۾ کهڙي ڪيميا	90
مان پلا تو لاءِ کهڙي	91
ريل ڪوڪيندي وڃي ٿي	92
مان پنهنجي تخيل جي	94
سال جي آخري شام	95

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوابن جون ڳالهيون	101
بليو ايريا تي چند	102
موت ڇا آهي؟	104
سنڌ	106
ڪجيءَ جي تارين ۾	108
سمنڊ جو ڪارو پاڻي	109
چپ جڏهن سنسار ٿئي ٿو	111
نراس- آس	113
ٽارچر سيل مان هڪ قيدي	115
سڄ پنهنجو سير.	118
ڪيو ڪيترائي ڪٽي گلَ بند	119
مرڪ ڪائي اڻ	120
آل وبائي عورت جي	121
مون سان ڳالهائيندي	122
تنهنجو تعلق....	123
تنهنجا آهن ڪيڏا عڪس	125
ڪيڏي ڳالهه نرالي	127
سنڌوءَ جي لهرن ۾ ڪيڏي	128
ڪوٽ جو احساس	129
ڇا سماج جو ڪوبہ رشتو.	131
دل لڳي وئي آهي توسان	132
اڄ صبا تنهنجي	133
مل جي ڪنهن پرزي جيان.	134
ڌرتيءَ جي سطح تي	136
زندگيءَ جي اڌيتن مان	138
چند، روئڻهار ڪوٽي.	140
چاهنا جي موٽ	142
ايڇا رات باقي آ	143
نيوٽران بم جي خالق ڏانهن	144
مينهوڳي	146
تنهنجي گج تي	147
جذبات جڏهن	148
ڪلندي مهل	149
تنهنجومنهنجي پرسان	150
منهنجي دل اڄ چئي ڏنو آ	151
خوبصورتي خوشحالي	152
ڪنهن ضديري ٻار وانگر	153
توکي ياد ڪرڻ پڙ	154
نظر جي حد ڪان	155
آءُ تہ گڏجي لمحا پکڙيون.	156
محبت جي باري ۾	158
توکي ڏينهن چٽي ۾	159
توکي ڏسڻ سان	160
ٽيڑو	163
غزل	167
ترائيل	199
وايون ۾ گيت	227
ٻئي چاپي لاءِ نئين شاعري	241
2010 ـ ۾ڏ جا ستايل	243
عشق جو آسمان	245
محبت جون ڳالهيون	246
اڇي نيٺ جذبن	249
بغداد تي حملو	250
جڏهن دل تمنا	252
وڏي ٻيڙ منهنجي	253
هر ڪو ماڻهون	255
خيرپور جون ڪجون	256
تون جا منهنجي هَير	257
زمانو زور لائي ٿو	258
سوانحي غزل	259

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا جي مسافت	261	روڪي وڃهين هان	280
منهنجي دل جي	262	وري چوندي ته	281
سوا تُنهنجي عنايت جي	263	حَسن درس جي مرتئي تي	383
عدت پر ويئل	264	مون کي ساهه	285
عشق جو بيان آهي	266	پٽائي	286
غصو	269	افسوس	287
سونهن جي پاسي	272	ملاڻ جي بهاني	289
باک جي شادي	273	ڏکارو نياپو	291
منهنجي کهڙي هستي آ	276	وينگس ويئي	293

کتاب تي آيل رايا 295

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ



عشق جي انوکي ڪائنات

انور پيرزادو

حُسن، عشق جي ڪائنات جو جڙ سڄ آهي ۽ سڄ جي شعاع جا تروڙا محبوب ماڻا آهن. هن جو رُسڻ، سڄ-گرهڻ، هن جي منهن موڙ چنڊ-گرهڻ، هن جي مُرڪ جڙ ڪنوڙ ۽ هن جو پرچڻ سر سارنگ آهي.

عشق جي ڪائنات واقعي انوکي آهي جنهن ۾ ماڻهو داخل ٿئي ٿو تہ انسان ٿيو پوي ۽ پوءِ اناالحق جو نعرو هڻي خود خدا ٿيو پوي. عشق، عاشق ۽ معشوق ڪنڊ، ڪٽارو ۽ تندُ جيان هيڪڙائي هيڪ ٿي رازو نياز رسڻ ۽ پرچڻ، ناز ۽ انداز جي مامر ٿيو پون.

عشق، انسان جو انتهائي فطري جذبو آهي، انسان جيڪو مرد به آهي ۽ عورت به ، مرد ۽ عورت نالي مخالف جنس جي ڇڪ مان عشق جي اُسات پيدا ٿئي ٿي ۽ پوءِ خبر پوي ٿي تہ هي انتهائي مقدس جذبو آهي عبادت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جو پيو نالو آهي ، اها عبادت جيڪا اصلي آهي ، نقلي ناهي، "جان جان پسين پاڻ کي، تان تان نانهن سجودُ- وجائي وجود تنها پوءِ تڪبير چئو"-

وجود وڃائڻ واري وٽ ، پاڻ اڇيڻ وارا افعال، انا کي ختم ڪرڻ وارو دڳ عشق بنا ٻيو ناهي-" نانگن ڪيئن نمائيو ، نات نوايو نينهن".

شيڪسپيئر چيو اهو Servitude of love ئي انجواءِ ڪرڻ واري چيز آهي ، عشق ۾ غلامي ، معشوق کي سجدو، حق آڏو مٿو ٽيڪڻ-

حقان حق ٿيوس، هئي طالب حق جي،

اها ڪير هئي؟ اها سهڻي هئي جنهن کي ذَم پاسي ۾ ڏُکندو ۽ صحت وٽ سينگار هئي-اها سهڻي حق جي طالب هئي. اهو حَق، جنهن کي اسان ناحق سمجهندا آهيون!! اسان " ٺهيل" کي "ڪريل" ڪوٺيندا آهيون، چي " فلاڻي، فلاڻي سان ڪريل آهي". دراصل هوءَ، هن سان ٺهيل هوندي آهي.

سو عشق، حق ۽ سچ آهي،ٻيو سڀ ڪوڙ آهي، دنياداري آهي، پاليٽڪس آهي، مذهب آهي، غير ماڻهپو آهي، شاهن جي شاعريءَ واري حُسن جي سَوَ صورتن ۾ جيڪا صورت سڀ کان وڌيڪ موهيندڙ آهي. سو عشق آهي. عشق تي اسان وٽ بئن پيل آهي. "عاشقُ" "ڪارو" ۽ "ڪاري" سڏجن ٿا، ڪُسي وڃن ٿا، پر عشق پوءِ به ٿئي ٿو ڪاري ۽ ڪارو پوءِ به قتل ٿين ٿا ۽ پوءِ به عشق ڪيو وڃي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلي آ زمانا!
تون منهنجي اکين کان
محبت جي جيڪا چمڪ آ
ڪسي وچ!
اها مان لڪائي
سگهان ٿي نه ٿو!

عشق ۽ مُشق برابر لڪندا ناهن. جي لڪي سگهن ها تہ هي ڏرتي
پڙيانگ ٿي وڃي ها، انسان جي تخليق کي پنجو اچي وڃي ها، ماڻهوءَ جو جسم
رکجي وڃي ها، نہ پيغمبر پيدا ٿئي ها، نہ ڪو رشي ۽ مُني، نہ ولي ۽ نہ فقير!

هلي آ تہ تنهنجي اکين ۾
مان پنهنجي محبت جي پيرن کي ڳولهي ڏسان،
هلي آ تہ تنهنجي بدن جي سهاري
مان پنهنجي اندر جي اداسيءَ جي سرحدڪي پائي
سگهان، هلي آ تہ تنهنجي چپن تي مان مُرڪون ڏسي
دل جي دعويٰ پروڙي سگهان،
هلي آ جو مون کي
وڪوڙي وڃي ٿو
وري خوف تنهنجي جدائيءَ جو هاڻي،
"جدائيءَ جو خوف".

A prevailing sense of wonder or mystery"
"Surrounding the mutual attraction in a love affair

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ ۾ "رومانس" لفظ جي ڪيترن معنائن مان هڪ معنيٰ هي به آهي جنهن ۾ مستري واري مام پڻ لڪل آهي. جدائيءَ جو خوف، مام ۾ ڳالهائڻ، اک جي معمولي اشاري سان هڪ جنم جي درد جي اوٽ، معشوق جو حواسن تي ڇائنجي ويڃ!

جَم جي ڪنهن ڇِٽ وانگر.
تون حواسن تي آن ڇانئي
آلي اُگُڻ جي مهڪ وانگر.

ءِ "ڏسان جاڏي. ڪاڏي پنهنجو پاڻ سان.
اڇي نظر نہ پاجهئون يار جي..... ڏسان جاڏي
ڪاڏي.....
تون جڏهن ڪان ٿي اکين ڪان آن پري
منهنجي لئہ
هر شيءِ ۾ ظاهر ٿي پئي آن.

هي مجازي عشق آهي يا وحدت الوجود آهي يا وحدت الشهود آهي. ذات کي صفات ۾ ڏسڻ جي ڳالهہ آهي يا الله کي اثباتي ڪرڻ جو فلسفو آهي، نہ، هي سونهن جي سو صورتن مان هڪڙي صورت آهي.

پر تصور ۾ اڃا تائين اڇين ٿي
ڊوڙ پائي
ڪنهن ابهري پار وانگر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونهن جي سَوَ صورتن هڪڙي صورت سهڻي هئڻ سان گڏو گڏ ڏاڍي چيندڙ ۽ ايذاءَ ڏيندڙ آهي.

تون منهنجي جيئڻ جو
رڳو ڏيڏ آهين!!
تون مون لاءِ ناهين،
تون مون لاءِ ناهين.

لفظ هن درد کي ورلي بيان ڪرڻ جي سگهه رکن ٿا، هي مامرو رڳو سنڌي لفظن جو نا هي پر دنيا جي سيني ٻولين جا لفظ ڪنهن ڪنهن سُور کي سمجهائي نه سگهندا آهن ڇاڪاڻ ته لفظ ته رڳو ليکا آهن ۽ انسان جي دردمند دل زندگيءَ جي علامت آهي.

وقت جي پيرن ۾ پيڙا پيڪڙا
۽ وري جذبن ۾ جڙ ماڻار آ
عشق جون ريتون اهي ساڳيون پراڻيون
تهمتون سر تي کٽي ٿو جيئجي
حسن جي عادت اها ئي آ حجابي .
پاڻ پڙ جهوريءَ انهيءَ ۾ ٿو جهري.
جيڪا لائي ٿو چڏي ڪنهن ٻئي کي پڙ...!

حسن جي سَوَ صورتن مان "تهمتن" واري پڙ هڪ صورت آهي...

ڏهه، ڏهه پيرا ڏينهن ۾- ڏئي ڏوراپا ڏم-
عقل، مَتِ، شرم، ٽيئي نينهن نهـــــوڙيا."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي سونهن جون سَوَ صُورتون
منهنجي تصور ۾ سَجي ويون. آهن
ڪڏهن هاڻي هوا جو رخ بدلبو
ڪڏهن تنهنجي ملڻ جي
ڳڻتي جي مُند ورندي .
لڳي ٿو ته تو بن
بهارن به مرڪڻ
ڇڏي ڏنو آ
.....
وري تون وڃي ٿي
ڇڏي منهنجي اکين جون
پانهون ڪُليل.
.....
چوان ٿو ته لڪجي
اُنهيءَ مُرڪ تي
جا چيري ڇڏي ٿي-
سيئي بند هن ڪنڊ ماحول جا
.....
تون ته دل ۾
ان ڪُتل
ڪنهن ٽنپ وانگيان
پَکُ جنهن کي مان وجهي
ان جي سهاري ٿو جيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونهن جون ڪجهه وڌيڪ صورتون شاهن جي شاعريءَ واري ڪتنواس تي ڪجهه هي به آهن.

اڄ ڪلهه
هر هڪ ڏينهن، واندڪائيءَ ۾
اڪيلائيءَ ۾ ٿو گذري
ان ڪري، جو
منهنجو ڪمن واري لست ۾
رڳو توسان ملڻ، لڪيل آهي.

.....

هن دفعي سال جو
سيپني ڪان نندڙو مهينو(فيبروري)
ڪيڏو وڏو ٿي ويو آ
توسان ملڻ ئي نه ٿيو آ.

.....

مان جيڪر
توکي نه ئي ٻڌايان ها
ته مان توسان
پيار ڪيان ٿو-

هاڻي اچو ته شاهن جي شاعريءَ جي پرک ڪريون. مٿي ڏنل شاعريءَ ۾ ته هن رڳو پنهنجو عشق ئي نچايو آهي.
شاعر اهو ناهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو شعر لکي سگهي
شاعر اهو آهي
جنهن کي شاعري
پاڻ سان گڏ ونڊي هلي

منهنجي خيال ۾ هي شاهن جي شاعريءَ جي نظرئي کان وڌيڪ سونهن جي سوضورتن مان هڪ خوبصورت آهي.

حقيقت اها آهي ته شاهن گهٽ-پاسائون شاعر آهي. هن ايتمي ڏماڪن جي جشن تي به لکيو آهي. بجليءَ جي لوڊشيڈنگ تي به سندس هڪ نظم آهي، داخليت تي به هڪ خوبصورت نظم لکيو اٿس، هو ترقي پسند تحريڪ جي انساني زنجير جي هڪ اهم ڪڙي به آهي ۽ نظرياتي سياسي اڳواڻ به آهي، پر شاهن جي هڪ خاصيت ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ سان به ملي ٿي جنهن کان هڪ دفعي پڇيو هئائون ته : ڪامريڊ! "اوهان زندگيءَ ۾ ڪڏهن عشق به ڪيو؟" ته هن وراڻيو هئو ته "ها، مان پنهنجي زال سان عشق ڪيوآهي ۽ هن جي عشق ۾ شعر چوندو آهيان."

سو شآهن به پنهنجو پهريون شعري مجموعو پنهنجي گهرواري "ارشاد" کي منسوب ڪيو آهي، سندس گهر واري جنهن شاهن کي پاڻ کان به وڌيڪ سهڻا پار ڇڻي ڏنا آهن سا هر لحاظ کان ان جي اهل آهي ته هن کي هي ڪتاب منسوب ڪيو ويو. هن جي ايجا به ان حوالي سان اهميت وڌيڪ آهي ته هوءَ هڪ شاعر سان گهرو زندگي ڪاميابيءَ سان گهاري رهي آهي.

شاهن جي مطالعي ۽ مشاهدي، رياض ۽ داخليت توڙي معروضيت هن جي شاعريءَ کي برابر بهتر بڻايو آهي پر اهو وسارڻ نه گهرجي ته شاهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو ان Shahan is a born _ Poet Genetically پيدائشي شاعر آهي.
ڪري جو هن جا وڏا صدين کان مهين جي ڏڙي لڳ سنڌو درياءَ جي ڪنارن
تي رهندي پنهنجي پنهنجي دور جا عالم شاعر ۽ پٽائي جا پارکو ٿي رهيا
آهن. ٻلهڙيجيءَ جا پيرزادا ان ڪري لئيءَ مان لٺ پيچي شاعر نہ ٿيا آهن،
چاڪاڻ تہ هنن جا وڏا ڳالهائيندا ئي منظوم نثر ۾ هئا. هن جي وڏڻن جا لکيل
دستاويز سنڌ جي ميوزمن ۾ رکڻ جي قابل آهن. شاهہ محمد جو والد جنهن
جو ٿورو وقت اڳي لاڌاڻو ٿيو آهي تنهن جي نثري خطن ۾ شاعري موجود آهي.
شاهن جون ٻئي وڏيون پينرون شاعرائون آهن ۽ سندس والده کان اسان
سڀئي سنڌي ٻوليءَ جا چيدا اصلاح ۽ چوٽيون ٻڌي نوٽ ڪري ڪانفرنسن
۾ پڙهندا آهيون.

سندس اڃوڪي ادبي ڪاڄ تي آس ڪري سگهجي ٿي تہ هو
شاعري جو ٻيو مجموعو پڻ سنڌي ادب جي علمي خزاني ۾ ترت شامل
ڪرائي سگهندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نراسا وفائون ....

چَوي دل ٿي هاڻي ،
هلي آ ته پنهنجين وفائن کي آڻي
زماني جون هي قتل گاهون سجايون .
اَجايون هي پانهون وڃايون
ڪڏهن ڪونہ جن کي
تنهنجي بدن کي گهيري ۽ آڙ
سندو خواب ٿيندو حقيقت .

۽ چَپ جيڪي تنهنجي چپن کان
هميشہ رهي دُور پرندا رهيا هن
اڇلائجن برف خانن ۾ جيڪر -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا تنهنجي بدن کي چنڊ تارن کان لهندڙ
پُر اَسرار خوشبوءِ جيان
پنهنجين رڳن ۾ سمايون ،
تصور ۾ تنهنجون ادائون وسايون
ءِ ائين پنهنجون نراسا وفائون بچايون
چوي دل ٿي هاڻي .....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڇُهڻ جو اثر ....

رڳو تنهنجو مون کي ڇُهڻ ئي نه آهي ،
جو تنهنجي اندر جو اشارو ٿو ٻڌجي.
پريل جنهن ۾ تنهنجون
سوالي نگاهون ،
ٽڪل ، سهڪندڙ
التجائون ، وفائون
جي مون کي هميشه جيان زندگيءَ جو
ڏوراپو ڏين ٿيون.
ءِ جنهن ۾ تنهنجي اندر جي سڃي وارتا آ
سمايل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڳو تنهنجو مون کي ڇُهڻ ئي نه آهي
جو منهنجي اندر ۾ پيل،
وساري ڇڏيل،
دل کي ڳولهي، انهيءَ کي ڇُهي ٿو.

منهنجي اکين ۾ آلاڻ جاڳي ،
بنان ڪجهه چوڻ جي
تون منهنجي ترين تي
اداسيءَ جا ڪئي باغ پوکي وڃين ٿي
جڏهن تون وڃين ٿي
ته تنهنجي ڇُهڻ جو اثر ئي نه آهي ،
جو خود سان محبت جو ڪارڻ ٿو ٻڌجي .
رڳو تنهنجو مون کي ڇُهڻ ئي نه آهي.....
جو لفظن جي اهميت وڃائي ڇڏي ٿو.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



آلـي اگـڙ جـي يـاد ....

نئين لِتل آلي اُگڙ جيان منهنجي دل

ع

تون اچين ٿي ڊوڙ پائي

ڪنهن اُپَهري پار وانگر.

تنهنجي پيرن جون ترپون

منهنجي تصور ۾ ٿيون

ع رهيون مون ۾ هميشه

جَمر جي ڪنهن چِٽ وانگر.

تون خواسن تي آن چانئي

آلي اُگڙ جي مهڪ وانگر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي سچاڻپ جي نشاني
آ بڻي ساڃُهندڙي ،
جا تو هڻي پاتي اوڇتو
مون کي پڃائيندي
طوهر جي رسم ڪنهن تي.
پيار تنهنجو تنهنجي اکڙين مان اُنو هڻو
مون تي پريل مَٽ وانگر.
تنهنجو هڪ هڪ رنگ آهي.
منهنجي دل تي نقش ٿي ويو
جر مان نڪتل رَڇَ وانگر.

ع جڏهن مان
شاعريءَ جو ڪو ڪتاب
پڙهندي ، پڙهندي
ٿو ڏسان توکي
لڳي ٿو،
تون ته پنهنجي روپ ۾
خوبصورت شاعريءَ جا ڪئي صفحا
آهن سمايا،
جنهن جو هڪ هڪ ورق پڙهندي
لحظو لحظو توکي ڏسندي
دل وڃي ٿي ويڙهبي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي رڏم ۾-
تون لڳين ٿي تنهن سمي
ڪنهن صبح جي راڳ وانگر.

ايئن پڇندي سونهن جي درياهه ۾
وقت جون ويرون وري ويون
منهنجي دل هاڻي نه آهي ڪنهن
لتل آلي اڳڙ جيان
پر انهيءَ تي تنهنجي پيرن جون تريون
آهن چٽيون-
رُوپ تنهنجو تنهنجي پارن ۾ ويو آ منتقل ٿي
پر انهيءَ ۾ شاعري مون کي ملي ٿي -
تون ملين ٿي مون سان رسمي جاڙ وانگر،
پر تصور ۾ اجان تائين اچين ٿي ، ڏوڙ پائي
ڪنهن اُپهري بار وانگر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سمنڊ جون چوليون ۽ منهنجون خواهشون !

سمنڊ جون چوليون ۽ منهنجون خواهشون
توکي پائڻ لاءِ ڪائن ٿيون اُڇل ،
تنهنجي پيرن ڪي چُهي
خالي هٿين واپس ورن ٿيون.

واپسيءَ جو غرق ٿيندڙ
۽ مسلسل هي سفر
ڪيڏو ٽڪائيندو انهن ڪي
ڪيئن ڇڄجي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ع ورِي

تنهنجي رُخ جو هي گلاب
ڪنهن جي پُڪ ۾ ٿو ٽڙي ،
تنهنجي بدن جي هيءَ مهڪ
ڪنهن جي ساهن ۾ وسي ،
تنهنجي وارن جون چڱون
ڪنهن جي هٿ جي آڱرين سان ويڙهجن-
تنهنجي مرڪ جا هي ڪرٽا
ڪنهنجي قسمت کي وجي روشن ڪندا،
تنهنجون مايوسيون، اداسيون ،
ڪنهنجي آڏت لاءِ هونديون آتيون
ڪير ڄاڻي!!

ڪير ڄاڻي ڪيئن ٿيندیون بي نشان
توڪان هٽندڙ ، غرق ٿيندڙ ،
سمنڊ جون چوليون ع منهنجون خواهشون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



هلي آ....

هلي آ
تہ تنهنجي اکين ۾ مان پنهنجي
محبت جي پيرن کي ڇولهي ڏسان-
هلي آ
تہ تنهنجي بدن جي سهاري
مان پنهنجي اندر جي اداسيءَ جي سرحد
کي پائي سگهان -
هلي آ
تہ تنهنجي چپن تي مان مُرڪون
ڏسي دل جي دعويٰ پروڙي سگهان-

هلي آ
جو مون کي وڪوڙي وڃي ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري خوف تنهنجي جدائيءَ جو هاڻي
جدائي ،
جا سُقراط جي زهر وانگر
اسان جاڻي واڻي پيون روز ٿا پيا.

اسان جي حصي ۾ جو عشق آهي
انهيءَ جي تقاضا اها ئي ته آهي ،
اهائي ته آهي اها آگ جيڪا
اسان کي اُجاري اُجاري ڇڏي ٿي
۽ آگ ان کي ڪيڏو خوشيءَ مان
اسان خواهشن جو پارٽ ڏيون ٿا
نه تنهنجي ادائن سان ڀرپور جواني جي هيرن
جنوهارن سندي ڪاڻ ڪُتندي
نه مان خواهش جون اهي سُڪل ڪاڻيون
انهيءَ آگ ۾ ٻري
وجهندي ڪو ٽڪبس
مان پنهنجي حياتيءَ جو پل پل به هاڻي
پن پن ڪري ئي ساڙي سگهان ٿو
انهيءَ آگ ۾ ٻري ابد تائين هاڻي
جلندي ئي جلندي جِي ٿو سگهان پر
هلي آ ته هيڪر
مان تنهنجي اکين ۾
محبت جي پيرن کي ڳولهي ڏسان۔

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



خواب ۾ کھڙو اچڻ....

خواب ۾ کھڙو اَچڻ،
جي اکين ۾ زندگيءَ جا رنگ پرجن ٿي نہ ٿا-
جي دلين جا جھول
تنھنجي مرڪ جي انبار سان پرجن نہ ٿا-
خواب ۾ کھڙو اچڻ

زندگي سا روشني آ
جا رڳو
تنھنجي اکين مان ٿي ڦٽي نڪري پرين،
ءِ اھا اھڙي ندي آ
جا اچي تنھنجي چپن تي ٿي ڪُٽي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ پلا تنھنجي آکين کان
ءِ چپن کان جي رھي محروم ڪوئي
پوءِ اھو کھڙو جيئڻ-
خواب ۾ کھڙو اچڻ-

ڪُھور پائي تون ته منھنجي جسم جي ھن باغ جا
ڪُل ئي ٽڙائين ڪانه ٿي ،
ءِ آکين ۾ ميڙ آڻي
ھن حياتيءَ کي سجايو ھئڻ جو
احساس ئي ڏين ڪانه ٿي-
بَس رڳو ڪو واڻ ويندي
يا وري اتفاق سان تنھنجو ڏسڻ
سو پلا کھڙو ڏسڻ -
خواب ۾ کھڙواچڻ -

زندگي سِرجي ٿي جنھن مان
سا پرين ڪوساڻ تنھنجي جسم ۾ آ
ءِ اھا ٽڏڪار جيڪا
ڪنھن به موسم ۾ نه آھي
تنھنجي بس آواز ۾ آ
پوءِ ڪڏھن اورڻ نه ٿئي
بس رڳواحوال ٽئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ اهو کھڑو ملڻ-
خواب ۾ کھڑو اچڻ-

تون رگھو ڳالھائين مونسان
مان ٿو پانيان
چڙ تہ کنھن آکاش ۾ اڏران پيو
تون جڏھن مونڊي ڏسين ٿي
ايئن لڳي ٿو چڙ ٽڏي کنھن ڳاھ تي
ليٽان پيو،
ءِ مٿان تنھنجو پُڇڻ-
ايترو چو ٿو ڏسين ؟
ايترو ڇا ٿو ڏسين ؟
پوءِ پلا کھڑو کچڻ-
خواب ۾ کھڑو اچڻ-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نظم

عشق جي دعويٰ ڪري ٿي
۽ چوي ٿي،
مان تہ پنهنجو پاڻ کي آهي پَليو،
تون پليڻ ئي ڪو نہ ٿو.
ڪيترين ڳالهيون ڪرڻ چاهين ٿو مونسان ؟
ڪيترين راتيون ڪٽڻ چاهين ٿو مونسان ؟
چو اڇي خوابن ۾ منهنجو چين ٿو مونکان
ڪسين؟
مان تہ پنهنجي گهر سُنهان ٿي-
مان تہ پنهنجي وَر سُنهان ٿي-

مان چوان ٿو،

زندگيءَ ۾ ساهہ ٿو ڪيڏو ڪجي
ڪير ٿو ان کي ڪٽي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪير ٿو سڄ ڪان پڇي،
ڪيتري تون روشني ڦهلائيندين ؟

سمنڊ ڪيڏيون چوليون آهن سمايون پاڻ ۾
ڪيئن ڪو تن کي ڇٽي؟
ڪيئن مان توکي پُڌايان
ڪيتريون ڳالهيون ڪرڻ
چاهيان ٿو توسان -
ڪيتريون راتيون ڪٽڻ
چاهيان ٿو توسان -

عشق تنهنجو گهر ڪسي ٿو؟ ايئن ناهي
عشق تنهنجو وَرُ ڪسي ٿو؟ ايئن ناهي
عشق توکي پاڻ ڪان واقف ڪري ٿو-
هن دنيا جي ڄار ڪان واقف ڪري ٿو-
عشق جو ڏمر سان نہ ڪوئي ويرآهي
هو تہ بس ميهار آهي
ڪير جهڙي حُسن جو هو پياڪ آهي
تنهنجو هو سينگار آهي تون جي سمجهين ،
پيار تارئون تار آهي تون جي سمجهين،
عشق ڪان هي عار ڇا توکي جڳائي؟
پاڻ ڪان انڪار ڇا توکي جڳائي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



چيهون چيهون دل ڪي.
تنهنجين نظرن جا ٽاڪا ٽا ٽوپن.

تو وٽ ايڏو وقت نه آهي
ڀ منهنجي دل
جنهن ڪي سِبڙ لاءِ
ڪيڏو لڳندو وقت
اهو ٽو مان به نه چاٽان
پوءِ به سڄاڻان،
ان جو هڪ سُور
ٽئي ٽو دُور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ٿا داغ جدائي وارا ڏوپن
چيهون چيهون دل کي
تنهنجين نظرن جا ٽاڪا ٿا توپن-

ڪيڏو توکان دُور وڃان ٿو
ها پر مون سان
تون به هلين ٿي.
ڪيسن مان ٿي ليئا پائين
منهنجي ترين تي آرس پيجندي
پين ڪٽڻ تي
ٿي هِرڪائين
جُهمريون پائين
دل جي اُگڻ تي-
ها پر اکڙيون
ٿي پيون آهن
ساوڻ جون ڪي ڪريون، توپن-
چيهون چيهون دل کي
تنهنجي نظرن جا ٽاڪا ٿا توپن-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



صُون سُون 2001

جھَڪي ٽي مِينھن جي ڦُڙ ڦُڙ
وسي پيو وڏ ڦڙو آھي
مٽان مون پيار تنھنجي جو-

جڏھن ساورڻ پچائي آ ڪراچي
لڳي ٽي منھنجي دل جيئن ھوبھو
اجري ۽ مھڪايل
تون مونسان ايئن ملي آن
جيئن ڪا چولي چڙھي آئي
تون مون کي ڪو نہ روليندين ۽
حياتي ۽ جي ڏِگھي رڻ ۾
اھا پڪ مون کي اڄ
موسم ڏني آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪرڻ دل تي ٿي هلائين
جو نہ ٿي نظرون ملائين
تون ئي ڇڏ تون ڇا ٿي چاهين-

سج ڪي ايڏو ٿڏو مون لئہ ڪرين ٿي
جڏ ياد منهنجي ۾ وسين ٿي
چنڊ ڪي شعلي جيان چُبندڙ ڪرين ٿي
مون ڪي اڪيلو جيئن ڪرين ٿي
چو ٿي مون ڪي ايئن سِڪائين
تون ئي ڇڏ تون ڇا ٿي چاهين-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ته پنهنجي ڳالهه ڪي سڀولو ڪيان جيئن
تون به سمجهين،
تون وري مون لئه اکين ڪي ڪاڳجهارت
ٿي ڪرين جي مان نه سمجهان،
ڪيڏو مون ڪي ٿي رُلائين-
تون ئي چئه تون چا ٿي چاهين-

تون چوين اظهار ۾ چاهي رکيو، جو توکي
پڪ آهي پيار جي-
مان چوان واکا ڪيان واريءَ جيان وهندڙ
حياتيءَ ڪي ڏسي،
چو نه ٿي هِيئن هنڌائين-
تون ئي چئه تون چا ٿي چاهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تنهنجي بي رُخي ڏسي،
دل ٿي چوي
بَر منهن ڪيان-
دنياداريءَ جي ڪمن ۾ پاڻ کي مصروف رکان-
پارن جو مستقبل سوچان-
يا سائيڪوٿراپي ڪرايان-
ڪنهن بي جاءِ تي دل لڳايان-
وري ٿو چوان
ننڍڙي نقصان جي بدران
ڪهڙو پاڻ کي وڏي هرج ۾ وجهان
توکان دور رهان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پلا جي سِڪ تُنهنجي لاءِ لڳي
پوءِ ڇا ڪجي؟
ڪٽي ويڙهي رکان دل ڪي
نہ ڪنهن ڪم ۾ لڳي جنهن پل،
پَڃان بادل جي پويان
جو هٽي ڦڙ ڦڙ چمين وانگر.
لنگهي پرسان جي جُهوٽو کو
چمڪي پاڪر پريان ان کي.
ڇ جي هِڪَ منهنجي ڪانہ هلي
پوءِ ڇا ڪجي؟
پلا جي سڪ تنهنجي لاءِ لڳي
پوءِ ڇا ڪجي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



متان وجين تون،

هي دل جون ڳالهيون،
هي خام خياليون
سدا نراليون مندون جهڙاليون
ڇڏي وجين تون
متان وجين تون

اُداس لمحا
جي تنهنجي من هُئا
نراس ڪن ها
متان مون تنها ڪري وجين تون
متان وجين تون

نہ چور مون ڪي
نہ سور مون ڪي
اکين اکين ۾ نہ تور مون ڪي
ٿي دل ڳهري،
ٿُون ..
متان وجين تون
متان وجين تون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مـــن وتـــو ....

پلا جي تون آن
ته چاڪپي ٻيو!
ءِ تون جي ناهين
ته چاڪپي ٻيو؟
ءِ ان جو مطلب ته منهنجي آڏو
ته ڪو به رستو بچيو ئي ناهي
ٿون جي آهين تون جي ناهين
منهنجي لاءِ ٿي ويو بي معنيٰ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ تنهنجي معني!
تہ تون ئي تون آن
نہ تنهنجي مرضي
نہ منهنجي مرضي

نہ آ ملڻ ۽ نہ آ وڇوڙو
تہ پوءِ ڇا گهرجي؟
يا تو ۾ رهجي
يا توکي اکڙين ۾ پائي رکجي
۽ زندگي ايئن گذاري ڇڏجي!



تصور ۾ اڃا تائين اهائي وصل جي آرات
اهائي رات
جا هڪڙي آ
گھٹيون ٿي ڪانہ ڪا سگھندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تون زماني جي نگاهن ۾ رهين ٿي
ضبط کي ڪيڏو جهلي سوگهو رکين ٿي
مان پري کان تنهنجي اکين ۾ ڏسڻ چاهيان
اهي ڳالهيون
جي دل چاهي
زماني جي نگاهن کان مان بي پرواهه
رڳو توکي ڏسان، توکي ڏسان، توکي ڏسان ٿوپيو
پلو آ ضبط تنهنجو
ڀ منهنجي به بيتابي بُري نه آهي
جڏهن تنهنجو ملڻ ايڏو ئي مختصر هوندو
زماني جي نگاهن جو
پوءِ ڪيڏو خيال ڪو رکندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظم

چو لڳي ٿو ايئن
جڙ ڪي اڳريون
منهنجي وارن ۾ ٿيون ٿاهن پيچرا-
ايئن لڳي ٿو جڙ ته منهنجو وهم آهي
پر اها چرپر ته منهنجي نند نيندي
هن اڪيلائيءَ ۾ ڪي سرپاٽ آهن
مان ٿو پانيان جڙ ته منهنجي ويجهڙو آ
دُور جيڪا
زندگيءَ جي ڪنهن ڪناري ڪان پئي
مون ڪي سڏي
عشق چا بيهوشي آهي؟
حُسن چا ڪا رُڄ آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تون جڏهن ڪان
ٿي اکين ڪان آن پري.
منهنجي لئه هر شيءِ ۾
ظاهر ٿي پئي آن-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



هلي آ زمانا
تون منهنجي اکين کان
محبت جي جيڪا چمڪ آ
کسي وڃ -
اها مان لکائي
سگهان ٿي نه ٿو-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



جسم تنهنجي جي مهڪ لُوڻائيل.
ساهه جي وهندڙ ندي.
تنهنجي اکڙين جا هڙئي اندلٽ رنگ
ڪيئن مون کي ڪنهن اچاتي راهه تي
پٽڪ جي لئه ٿا ڦِٽي ڪن
ڪيترو توکي ڏسي ٿو مان سگهان
وقت سان ماپي سگهان ئي ڪو نه ٿو
مان ته بس طوفان ۾ ٿو ويڙهجان
جيئن تنهنجي جلوي جي سامهون ٿيان ٿو
مِينهن جي ڦڙ ڦڙ ته ڪافي ڪو نه آهي شاعريءَ لئه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها مگر جي مهڪ تنهنجي ٿي ملي ان سان تہ پوءِ
شعر ٿا سرجي پون مِينهن جي ڦڙين جيان.
ع اهي تپ تپ ٿا ڪن
ذهن جي ننگي بدن تي.
تون تہ دل ۾ آن ڪتل ڪنهن ٽنپ وانگيان
ٻڪ جنهن کي مان وجهي
ان جي سهاري ٿو جيان
ع جڏهن هي هٿ ٿا ڪسڪي وڃن
مان ٿو پانيان بي سهارو پاڻ کي
ع اڃاتي راهہ تي جڙ تہ مان ٻڪان ٻيو
راهہ جنهن جو ڪو بہ رخ روشن نہ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



وقت جي پيرن ۾ پيڙا پيڪڙا
ڇ وري جذبن ۾ جڙ ماڻار آ
عشق جون ريتون اهي ساڳيون پراڻيون
تهمتون سر تي ڪٽي ٿو جيئجي
حُسن جي عادت اها ئي آ حجابي
پاڻ ۾ جهوري ڇ انهي ڇ ۾ ٿو جهُري
جيڪا لائي ٿو چڏي ڪنهن ٻئي ڪي پڻ
وقت ڪيڏو ويو لنگهي، ڇا ياد ڪيان؟
ڇا ياد ڪيان ؟ سي نيڻ !؟جن جي پوئتان
ڪهڪشائن وانگيان ڪي خواب هڻا
جرڪندڙ ڇ سوهڻا
ڇ انهن ۾ چشما هڻا
جنهن جا چنڊا منهنجي دل تي پوندا هڻا
ڇا ياد ڪيان؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سو روپ؟ جنهن ۾ جرڪندڙ تارا هئا
۽ انهن ۾ ڪيئي استعارا هئا
جيڪي منهنجي من جي ڪاري ٻاٽ ۾
جهرمر ڪندا هئا
ڇا ياد ڪيان؟
سي ٻول؟
جن جا هلڪا سُر
مان اڃان پنهنجي ڪنن جي ٻاڙين تي
چُرندي ڏسان ٿو
ڇا ياد ڪيان؟
وقت ڪيڏو ويو لنگهي
هر طرف آهي سناٽو
حُسن جي ان رُوپ ڪي
ڪيئن ڳولهيان
مان ڪِلي آهيان ٽڪو
هاٽي ٻلا روئي ڏيان؟
ڇا ڪيان؟
وقت جي پيرن ۾ پيڙا پيڪڙا
۽ وري جذبن ۾ڇڙ ماڻار آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اچين ٿي
اکين ۾ اشارا ڪرين ٿي
هي يادون جي دل ۾
وسائي ڇڏيون هن
انهن کي چٽائي. ستارا ڪرين ٿي-
تون منهنجي جيئڻ جو
رڳو ڏيڏ آهين
تون مون لاءِ ناهين-
۽ جيئڻو ڇڻ ته دوکي ۾ آهي
نه ٿو هي ساڃاهي
ته تنهنجي اکين ۾
پيڙا جا آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها زندگيءَ جي
اداسائي آهي
اهو چاهه ناهي
مگر هو ٿو سمجهي
ته تون ئي سنڌس ساهه ۾ سڳ آهين
۾ تون ئي هن لئه ڪشالا ڪڍين ٿي
انڌيرن ۾ جيڪي گهڙيون هي ٿو گهاري
تون ئي انهن ۾ اجالا ڪرين ٿي
۾ منتظر ان گهڙيءَ لئه رهي ٿو
جنهن ۾ ازل جو هو راز اوري
پلا سا گهڙي
ڪيئن ماڻي سگهي ٿو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نظم

لڳي ٿوته توبن
بهارن به مرڪ ڇڏي آ ڏنو
ع شهر پنهنجن ويسن، وڳن ع رنگن جي هوندي
لڪائي رهيو آ
ته تون ڪنهن ٻئي شهر آهين ويل-
نه ڪا سيسراتي آ ٽڏڙي هوا ۾
نه ڪو بادلن ۾ ڪو اهجاڙ آهي
نه ڪا چولين ۾
اُڇل ٿي لڳي-
مان هر ڪنڊ پاسو ڳُهمي آ ڏٺو
سين ڳهڙ ڳهرن، جيڏن ع سرتن سان آهيان مليو
ع مون کي شدت سان ايئن آ لڳو
ته چڙ هر ڪنهن کي آهي خبر
ته تون هن شهر ۾ اڄ ڪلهه نه آهين!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نظم

مون کي تہ منھنجي ھڻڻ جيڏي ھوءَ گھرجي

اوچتو ايئن لڳو
جڙ تہ مون آھي ڪٽيو ڪوئي انعام
آڻ ھن جي سامھون ٻيٺو رھيس
ڏاڪين مان جڙ نظر جي ھڪ ندي وھندي رھي
بس اھا وھندي رھي
ھورڙيان ئي ھورڙيان
جڙ ٽڏيون ڦھنگون پون پيون روح تي
ھي ڳھڙي ھيئن ڪيئن اچي وئي
جنھن جي طلب ۾ مون ڇڏي راحت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏ ۽ رولیو
مان ٿو سوچیان
هن ڳهڑيءَ کي ڇو پيو ڳولهيان؟
جيڪا هاڻي لحظو لحظو هئين گذرندي ٿي وڃي
ڏس نه گذري ئي وئي
اوچتو مون کي پشيماني وڻي ٿي
عشق ۽ کهڑي طلب
مون ٿي سمجهيو
هن ڳهڑيءَ مان طلب مٽندي
پر اهو ڪيڏو غلط هئو
طلب سان ڪجهه لمحا ملندا
۽ اهي گذري به ويندا
مون کي نه منهنجي هڏ جيڏي هوءَ ڳهرجي
پوءِ وري پاڏايان ڪنهن کي.
پوءِ وري کهڑي طلب ڪيان-
ڇو نه هن جي ياد سان بس پيو ڳذاريان-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



منهنجي اکين ۾ ڪُپائي نيرُ پنهنجا
تون رڳو ڳالهاءِ مون سان
ءِ پوءِ منهنجي شاعِري ڏس !
ڪيئن ٿي توکي ڳهمائي پينگهه ۾
ڪيترو جهولو ڪپئ -
سو تون ئي طئ ڪر !
هيءَ جيڪا شاعري آ، منهنجي نه آهي
بس پڌي پانهي آ تنهنجي
مان ته بس ڪوٽاڻُ آهيان
خالي خالي.....
چو نه ٿي پوءِ اکڙين جي راهه تان ٿي
اوتجي مون ۾ اچين
ءِ دنيا ڪي پينگهه ۾ لوڏي وڃين-؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تنهنجي هڪڙي چُمي مَسيحا آ
مئل هر آس ڪرڪٽي ٿي اُٿي
روپ تنهنجي تي جا اداسي آ
مان پَري ڏُک ٿو پيٽ چاهيان
تنهنجي اکين جو هر اشارو ٿو
مون تي خوشين جو ڪوئي در کولي
جلوو تنهنجو اها دري آهي
عشق ڏيکاري ڏي ٿو جنهن مان ۽
هِر اداسي وجي اڏامي ٿي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ايٽمي ڏماڪي جو جشن

ايٽمي اظهار واري جشن جو شور
مون کي اڪيلو ڪري مارڻ جو انتظام
ڪري رهيو آهي
مان اڃان به
پوپٽ جيان اڏامي ايندڙ
چميءَ جي انتظار ۾ هوس
ان ڇهاءَ کي ياد ۾ محسوس ڪرڻ
جي ڪوشش ۾ هوس
ته مون کي ڇرڪائي
پنهنجي بربادي جي جشن ۾
رقص ڪرڻ لاءِ چيو ويو
مان انهن کي اهو سمجهائيندي ته
ايٽمي تابڪاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن به خوشيءَ جو
سبب نه ٿي بڻجي سگهي
پاڻ کي خلا ۾ محسوس ڪيم
مون کي لڳو ته منهنجي بوليءَ جا لفظ
اوپرا ٿي ويا آهن
۽ مون کي اشارن ۾ ئي
گالهه سمجهائڻي پوندي
۽ ايئن مان ان مخلوق کان
ڪٽجي ويم
جيڪا ٿهڪن ۽ تاڙين ۾
مصروف هئي
هاڻي ان هجوم جي آڏو
مون کي پشيمانيءَ جي احساس
سان رهڻو آهي
اهو احساس نيٺ مون کي ماري وجهندو
مان، جنهن کي زندگيءَ ۾ سواءِ تنهنجي
نظرن جي روشنيءَ جي ڪنهن وڏي آسائش
جي تمنا به نه آهي
ايتمي تابڪاري ۽
چُپندڙ روين جي عذاب ۾
جيئڻو پوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



چوان ٿو تہ لڪجي
انهيءَ مرڪ تي جا، چيري چڏي ٿي
سپڻي بند هن ڪند ماحول جا
ءِ پيار جي پار جي سار آڻي
هيڪار هيڏي پکيڙي چڏي ٿي.
ءِ جنهن تي طعن جي بوڇاڙ ٿئي ٿي
ءِ جنهن ڪان ايڏا سبب ٿا طلبجن
جو هوءَ هڪ چٽنگ وانگر
رڳو خاڪ جو هڪ ڦلو ٿي وجي ٿي
وسائي وجي ٿي-
روڪي وجي ٿي
چپن تي اچڻ ڪان-
چوان ٿو تہ لڪجي انهيءَ مرڪ تي

چوان ٿو تہ لڪجي
انهيءَ اڪ تي جا
جتي گهور پاڻي
اتي گل ٽڙن ٿا
اميدن جا ڪيڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرڙا ٿهن ٿا
ڀ پوءِ انهيءَ کان
ڪئين سوال ٿين ٿا
مسمار ٿين ٿا
اميدن جا گهرڙا ڀ گهور پائڻ جي عادت
انهيءَ کان کسي ٿي وڃي
اها جاءِ، جنهن جاءِ گلڙا ٽڙن پيا
اجاڙي وڃي ٿي
چوان ٿو نه لکجي
انهيءَ اک تي
وري ٿو چوان چوڀ چالاءِ لکجي
چو نه ريجهائجي دل کي
وندرائجي،
جيئن نه سوچي سگهي
ڀ نه سمجهي سگهي-
ڪنهن چيڙن تي آيل
لکل مرڪ کي.
اکين جي اگڙ کي
اورانگهي ايندڙ انهيءَ
گهور کي
جيئن نه سمجهي سگهي
چونه ايئن ڪجي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تنهنجي طلب مِٽي ته مِٽي ڪيئن ڇڏ ڪٽي
توکان نظر هٽي ته هٽي ڪيئن ڇڏ ڪٽي
تون ٿي چوين لحاظ ڪيان ڪيئن مان ڪيان
دل تو سوا جٽي ته جٽي ڪيئن ڇڏ ڪٽي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اوڪ ڏکڻ جي هير، توکي
ڪيئن ڪوئي ورڻ پُڪاري ٿو پيو
تون جڏهن ان جي وِٿين ۾ ٿي سمائين
تاري تاري ٿي وسائين
ڪيئن هو جهومي پوي ٿو-
پاڻ مان نڪتو وڃي ٿو-
سپ لاءِ راحت ٿئي ٿو-
تون به ان سان ايئن ڪرين ٿي
جيئن منهنجو يار ٿو مون سان ڪري-
آءٌ جيئن ان کي پڪاريان ٿو پيو
اوڪ ڏکڻ جي هير، توکي
ايئن ڪوئي ورڻ پڪاري ٿو پيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



جدائيءَ جون ڳالهيون

جدائيءَ جون ڳالهيون
جڏهن موسمن مان اچڻ ٿيون لڳن
تڏهن ورڻ ڪيڏو رڙي ٿا پون
اداسيءَ جون ڳالهيون
جڏهن چنڊ تارا ڪرڻ ٿا لڳن
تڏهن سڀ چارا ساٿا لڳن ٿا.
وسارڻ جون ڳالهيون
جڏهن سج لهندي ڪري ٿو وجهي
تڏهن چپ ڏرتيءَ کي ڪائي لڳي ٿي
ءِ منهنجي دل تي
سڀئي ڪيفيتون سي تاري ٿين ٿيون
جڏهن ٿي ڪرين تون
جدائيءَ جون ڳالهيون
اداسيءَ جون ڳالهيون
وسارڻ جون ڳالهيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



جڏهن منهنجون نظرون
تنهنجي جسم کان
پاسو ڪندي ئي لنگهي ٿيون وڃن
ته تنهنجي بدن جا شعلا انهن کي
وڪوڙي وڃن ٿا-
ع دل ۾ بڙجي ڪُپي ٿي وڃي-
تڏهن دل چوي ٿي
ته منهنجون هي نظرون
تنهنجي بدن جي شهر ۾ ٽِڪي ئي پون.
ع دل سان بڙجي نڪري پوي-
جڏهن پر هي نظرون
تنهنجي بدن جا شعلا ٿيون طلبن
ع دل ٿي چاهي ته ڪو سور سِرجي
تڏهن منهنجون نظرون
تنهنجي جسم کان
پاسو ڪندي ئي لنگهي ٿيون وڃن-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اڄ ڪلهه
هر هڪ ڏينهن، واندڪائيءَ ۾
اڪيلائيءَ ۾ ٿو گذري
ان ڪري، جو
منهنجو ڪمن واري لسٽ ۾
رڳو توسان ملڻ، لکيل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



هـن دفـعي سـال جو
سيني ڪان ننڍڙو مهينو (فيبروري)
ڪيڏو وڏو ٿي ويو آ
توسان ملڻ ئي نه ٿيو آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مان ڏکندو اچي پهتم
پر ٿون هلي وئي هئين ۽ ان جاءِ تي
رڳو تنهنجي چڏيل خوشبوءِ پئي هئي
۽ اها مان ڪٽي
پنهنجي بٽون ۽ جي
ڳجهي خاني ۾ رکي چڏي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



وري تون
وڃي ٿي
ڇڏي منهنجي اکين جون
پانهون ڪليل-
وري تن جي اڳيان
ڇڏي رڃ راهون
ءِ ٿوهر اماڙيون
وري تون وڃي ٿي
ايئن، جسم مان ساهه
ويندو رهي جيئن
ڇڏي لِڳ لڇندا.
ايئن، بادلن مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن بوندون ڪرن
ءِ ڏسندي ئي ڏسندي سي خالي ٿين.
ايئن، پن ٽاريءَ مان
جيئن ٽا ڇٽن.
ءِ بار ڏرتيءَ تي پوءِ سي لڳن.
مان توکي اکين ۾ رکڻ لاءِ ڪيڏو
ڪيان ٿو جتن
مگر سپ اجايو.
جڏهن ڪنهن کان ڪا شيءِ
جا ان جي اندر جو حصو ٿي ٿئي.
الڳ ٿي ٿئي
ته پوءِ پوئتي ڇڏيل
سارو وجود
اجڙيل ءِ مرده
وجي ٿو رهي
تون منهنجي اکين لاءِ
ساڳيو مقدر
لکندي وجين ٿي
جڏهن تون وجين ٿي
ڇڏي منهنجي اکين جون پانهون ڪليل-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اکين ۾ ڪجل سارڻ جا ٿو ٿئي!
وارن کي ڪهڙي به پاسي
جي ويڙهي ڇڏي ڪا
ته ڪهڙو فرق ٿو انهيءَ مان پوي!
پلا سونهن سينگار ۾ ٿي وڌي
يا سادگيءَ ۾ سرس ٿي لڳي!
اهي سڀ ڳالهيون
اهي سڀ بحث
اجايا لڳن ٿا
رڳو بس اها ڳالهه آهي حقيقت
ته جي ڪوئي جلوو
ڪنهن کي به غفلت جي نند مان
اڌاري، چوي ٿو
اِجهو مان هي آهيان
ته پوءِ سڀ ڳالهيون سجايون لڳن ٿيون.
ءِ پوءِ ڪجل ۾ ڪا معنيٰ ملي ٿي
ءِ وار ويڙهيل يا ڪوليل ڪو نياپو ڏين ٿا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



هوءَ منهنجي ڪيترو ويجهو اچي،
جو انهيءَ کي مان ڏسي ڏاپي پوان،
مان اهو پاڻ کان پيو ٿو پڇان،
پر انهيءَ جو ڪو جواب آهي به ڇا؟
منهنجو هڪ هڪ لِڳ پرندو ٿو رهي
هوءَ جا مون لئہ رڳو ٽڏڪار آ
ڇا اها پڻ ايئن جلندي ٿي رهي
جيئن منهنجي دل جو هي سنسار آ؟
مان انهيءَ مان ڪو نہ ٿو ڏاپي سگهان
اڄ اها منهنجي حياتيءَ جو حصو آ
هوءَ مون کان ڏوريا ويجهو هجي
مان انهيءَ جوءِ اها منهنجي رڳو آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نظم

تون جڏهن ٿي آڳ ٿي پئين.
منهنجي من ۾ پيار جي گرمي پرين ٿي-
هٿ لائي مان ڇُهي توکي سڳهان ٿو.
پر وري ان کان بچان ٿو
تنهنجي پيڪر ۾ نه ڪائي باهه پڙکي.
تون جڏهن تڏڪار ٿي ٿئين
منهنجي نيٽن مان ٿڪاوٽ دُور ٿئي ٿي
مان سدائين توکي جيڪر
پنهنجن اکڙين ۾ رکان پر
تون ڪٿي پنهنجين اکين ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي اندر جو سمورو ٽڪُ ساندي
شَل نه ٿي پئين-
تون جڏهن پرپات ٿين ٿي
منهنجي دل جي وسوسن جي ڪاري
اوندهه ڪي هٽائي
ذهن ڪي روشن ڪرين ٿي.
تنهن سمي هيءَ دل گهري ٿي
توکي پاکر ۾ پري،
ڪي لال ڦيريون پائجن
۽ دنيا ڪي سونهن جا نياپا ڏجن-
پر اهو ممڪن نه آهي
منهنجي اکين لئه ازل جو ٽڪ آهي
منهنجي هينڙي لئه اهائي آگ آهي
منهنجي دل ۾ وسوسن جي ڪاري اوندهه
چانڊي آ-
منهنجي لاءِ بس ڪوڙ آهي
تون ايئن ئي منهنجي آڏو
چوڏهين ءَ چانڊاٽ وانگر
چانڊي رهجان!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نظم

راتاکون
تنهنجون
گالهيون
جو نڪتيون
ڦڙ ڦڙ جڙ سپ ٿي ويون
بٽ وسنديون
منهنجي ذهن سنديون
ءِ پوءِ ساروٽيون
جڙ ڪٽي آيون
ساوڪ جون پوتيون
ڏسندي ڏسندي ٿي ويون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي روپ جيهون
پوٽن جون چوٽيون
منهنجي دل جون چاهتون
جڳ مڳ ايئن ٿيون
تارن جيئن ڪنڌون
مون کي ويڙهي ويون
پائي جڙ پاڪيون
صبح جون هيرون
راتاڪون
تنهنجون
ڳالهيون
جو نڪتيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مون تہ پنهنجا هٿ ساڙي
آ سِکي ماني پچائڻ
هاڻي جيڪر هو اچي منهنجي اُگهڻ
منهنجي ماني کائي جيڪر ڏوَ ڪري
ءِ پوءِ مون کي پنهنجا جيڪر هٿ وڻن.
روز مان جن کي ڏسان ٿي
پيار مان
انتظار مان
وات کنهن جي ٿي نهاريان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تون جا منهنجو خواب آهين.
ڪيئن منهنجي ذهن مان ڪائي اچلَ
منهنجي چپن تائين پُڳي آن
ءِ وري ڪاڏي وئي آن
سپ ٿا ڳولهين پيا
نيڙ منهنجا.
جي اجا حيران آهن-
چپ منهنجا
جي اجارا ٿي پيا هِن
ءِ زبان
جا چپن تي ليٽڙي پئي
تنهنجي وارن جي جهنگل جا پيچرا
ٿا سڏين منهنجي هٿن جي آڱرين کي.
رڙ آهي روح جي، جي تون ٻڌين
ڪاڏي وئين آن تون الا!
تون جا منهنجو خواب آهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



لـوڊشيڊنگ

بجلي اوچتو هلي وئي.
ڄ تنهنجي باري ۾ منهنجو نظم
اڌ ۾ ايئن لڳي رهيو آهي
جيئن موت جي سزا وارو قيدي
پنهنجي زندگيءَ جي آخري رات ۾
صبح جي پهر جو انتظار ڪري رهيو هجي.
هن کي ڏاهي ايندي
يا ڪو معجزو ٿيندو!
مان پري کان ايندڙ
اسٽريٽ لائٽ جو ڪو ٽڪرو
دريءَ وٽ ايئن ڳولهي رهيو آهيان
جيئن ڪڏهن ڪڏهن اڇي ڪاڳر جو ٽڪرو
ڳولهيندو آهيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن تنهنجي باري ۾ نظم لکڻ چاهيندو آهيان.
مان کيڏي بي چينيءَ سان
اهي سِٽون حافظي ۾ محفوظ ڪرڻ جي
ڪوشش ڪري رهيو آهيان
جيڪي هن وقت
اوندهه هٿ ڪري
لکي نه ٿو سگهان-
ڇو جن ۾ تنهنجي وجود جا
اهي پاسا بيان ڪيل آهن.
جيڪي مان اڄ رات ئي محسوس
ڪري سگهيو آهيان
صبح ٿيڻ تائين
اهي سٽون مون کان وسري نه وينديون؟
پري کان ايندڙ
گولين جا آواز
منهنجو ڏيان ڦيرائڻ ٿا گهرن
مان اڌ رات جي هن پَهَر ۾
رڳو ان نظم تي سوچڻ ٿو چاهيان
جيڪو مان تنهنجي باري ۾
لکي رهيو آهيان-
ڇو جيستائين مان تنهنجي باري ۾ سوچيندو آهيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيستائين مون کي
ڪنهن به شيءِ کان خوف ناهي ٿيندو.
دهشتگردي، تنهنجي باري ۾ سوچڻ جو ضد آهي
جنهن کي مان ڪڏهن به قبول نه ڪندس-
پر في الحال مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي .
مان اهو نظم جنهن ۾ تنهنجي وجود جا
نوان پاسا محسوس ڪيل آهن
پورو ڪري توکي پڏائڻ ٿو چاهيان-
منهنجي بيچيني وڌندي ٿي وڃي
مون کي روشنيءَ جو ايترو ٽڪرو به نه ٿو ملي
جيڪو پني جي ان ڪنڊ تي پٺجي سگهي
جتي اڻپورو نظم، پوري ٿيڻ جي انتظار ۾ رکيل آهي.
ڇو مون کي پنهنجي يادگيريءَ تي
اعتبار نه ٿو اچي
صبح ٿيڻ تائين
اهي ستون مون کان وسري ته نه ويندیون!
اڌ رات جو هوا، مون کي سمهاري رهي آهي
ڇو بجلي اچا نه آئي آ-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪڏهن ڪڏهن ايئن ٿيندو آهي
جو توسان گڏ جيڪي گهڙيون گهارٽيون
هونديون آهن
ان لاءِ مان
سڀ گالهيون ذهن ۾ ترتيب ڏئي ڇڏيندو
آهيان
پر ملڻ ڪانپوءِ
تو سان بغير لفظن جي
ملاقات جو جيڪو سلسلو هلي پوندو آهي
اهو ايترو تہ مزيدار هوندو آهي
جو مون کي اهي سوچيل موضوع
اجايا محسوس ٿيندا آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلڪل ايئن ئي.
ڪڏهن ڪڏهن
مان شاعري لکڻ چاهيندو آهيان
۽ ڪوشش جي باوجود نه لکي سگهندو
آهيان
هار مجي ويهندو آهيان
نه ڪو لفظ پني تي ٿهي ايندو آهي
۽ اهو مون کي پاڻ سان گڏ گهليندو
ويندو آهي
پوءِ مان ڪو طئه ڪيل نظم، غزل
يا گيت نه لکي سگهندو آهيان
پر ان هڪ لفظ جي سهاري
اڳتي وڌندو آهيان
۽ جيئن جيئن شعر پورو ٿيڻ
جي ويجهو ايندو آهي
مان سرور ۾ پرجي ويندو آهيان
۽ مون تي اها گاله واضح ٿيندي آهي. ته
شاعر اهو ناهي جيڪو شعر لکي سگهي
پر شاعر اهو آهي جنهن کي شاعري پاڻ
سان گڏ وٺي هلي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پلا هن بي يقيني ۽ ۾
جي ڪوئي هيڪلو لمحو
وري تنهنجي اکين مان
بي حجابي ۽ جو وڳو پائي
اڇي منهنجي آڱيان ٻيهي
ته ڇا توکي چُمي چڏجي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسوسا کيڏو وکوڙي ٿا وڃن.
مان جڏهن هيڏي سفر کان ٿي اچي
پير پائيندم اگهڙ تي سڀ کان اڳ ۾
کنهن کي ڏسندم
پار ڏوڙي سوکڙي ايندا گهرڙ
يا کي وڏڙا مون کان کي احوال پڇندا.
پاڙي واريون توسان اورڙ لاءِ آيل
هوندیون
يا اکيلي مون کي ملندين
پنهنجي اکڙين ۾ پري دونهون چلهي جو
وسوسن ۾ گم، مون جيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تون ڪاوڙجي وئين آن-
ع مان هن وقت بلڪل ساڳي ڪيفيت ۾ آهيان
جڏهن نديي هوندي
مون کي ڏاڍي بک لڳي هئي
ع پوڙ جي ٿالهي منهنجي ڪپڙن تي
هارجي پئي هئي-
يا جڏهن مان بس مان لهي سنپاليو نه
پٽون غائب هئو
يا جڏهن بابي جا آندل
نوان ولايتي گلاس ڏسندي
هڪ گلاس منهنجي هٿان ڪِري ڀڄي پيو هئو
مان جيڪو پوڙ جي ٿالهي ڏيان سان ڪٽان ها
مان جيڪو پٽون بس ۾ ڪٽي نه وڃان ها
مان جيڪو گلاس پري کان ئي ڏسان ها
مان جيڪو توکي نه ئي ٻڌايان ها
نه مان توسان پيار ٿو ڪريان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



دنيا جا سرمائيدارئو!
اچو ۽ خوشحالي ۽ جي نالي ۾
پنهنجي سرمايي سان
منهنجي ديس جي نوجوانن کي
اچي ڪريٽ ڪريو.
هوا ن لاءِ بلڪل تيار آهن.
هاڻي هنن وٽ سماج کي بدلائڻ جو
ڪو به خواب ناهي رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نظم

مان تنهنجي آکين ٿ
پنهنجي محبت جي ٽڪل پيرن جا نشان
ڏسي رهيو آهيان
مان کيڏو خوش آهيان
اهو ڏسي ته
اهي وقت جي واريءَ ٿ لڪجي نه ويا آهن
مون کي يقين آهي
ته منهنجي آکين ٿ
تو سان محبت جي اعتراف جو ستارو
تون چمڪندو ڏسندي هوندين ءَ
تون آکيون ٻوٽي ڏس
مان صبح جي هوا جو جهوٽو ٻڌجي
تنهنجي چهري کي چهي رهيو آهيان
تنهنجي مرضيءَ جي هڪڙي چمي ءَ
منهنجي ذهن جي سيني اونداهين ءِ
منهنجي اندر جي سيني محرومين کي ختم ڪري
روشني پکيڙي چڏي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



هونئن ته زندگي ڪيڏي
بي مزي پئي گذري
ع ڪٽيندي هي گهڙيون
عمر ڪي ڪَپيون ٿا پيا.
ڏينهن رات گذرن ٿا
ڇڻ ته نار جون لوٽيون
موسمن جي متجڻ ڏي
خيال ئي نه ٿو ٻوڙي
اهڙي ڪارخاني ۾
فرد ڪي ڪپي چا ٿو
بس رڳو به ٽي مرڪون
ع نظر جون دلداريون
ع وري ملي ڪنهن ڪي
وصل جي گهڙي جي ڪا
پوءِ هو ٿو سمجهي هي.
زندگي گذارڻ لئه
بس پرين ۽ جي مرضيءَ جي
هڪ چمي ئي ڪافي آ-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تنهنجي پاسي ڪان
اداسيءَ جي هوا جيئن ٿي لڳي
لڳي ٿو دل جي تاريءَ تي
سپيئي سرهاڻ واراڳل تڙيل هڻا جي.
چٽي پيا هن.
ءِ منهنجي هٿن مان
توکي ڇهڻ جون سڀ تمنائون ڪري
پيون هِن
مان تنهنجي روپ ڪي
اڄ روح ۾ ايڏو سمايان ٿو.
جو تنهنجي سونهن جون سَوَ صورتون
منهنجي تصور ۾ سجي ويون هن
ڪڏهن هاڻي هوا جو رخ بدلبو؟
ڪڏهن تنهنجي ملڻ جي ءِ ڪلڻ جي مند
ورندي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نظم

تنهنجي لاڏل ڪپڙن ۾
تنهنجي بدن جي خوشبوءِ
رستي ۾ تنهنجي هلڻ جو ڍنگ.
ڦٽيءَ ۾ قاڏل
تنهنجا وار
سُرمي جي سرائيءَ تي
تنهنجين پنبڻين جي آلاڻ.
وسامیل ڦوڪٽيءَ جي منهن تي
تنهنجي چپن جو ڇهاءُ
مان انهن نندڙين ۽ بي معنيٰ شين
جي سحر مان ئي نٿو نڪري سگهان.
مان تنهنجي باري ۾ کهڙي راءِ ڏيان!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تون منهنجي نہ ٿي ٿي سگھين
اهو امڪان ڪيڏو به وڏو ڇو نہ هجي پر
تنهنجو منهنجي نظر جي حد ۾ رهڻ
منهنجي معمول جي اٽڪ ويهڻ
۾ اچڻ
۽ منهنجي تصور ۾ هميشہ موجود رهڻ
ئي ڪوڙ آهي
ان ڳالهہ لاءِ تہ مان
هن دنيا ۾
وشال دل ۽ وشال ذهن رکندڙ
شخص ٿي سگھان
۽ شايد هر شخص لاءِ اهو ڪوڙ آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان
جيڪڏهن تون ڪنهن به سبب ڪري
منهنجي نظرن جي حد ۾ نه آئين ۽
۽ منهنجي معمول جي اٿڻ ويهڻ ۾ نه
رهين ۽
يا مان.
تنهنجي محور ڪان نڪري ويس
ته پوءِ منهنجي لاءِ
محبت
انسانيت
۽ اهڙن هزارين لفظن جي
ڪهڙي معنيٰ رهندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



لڳي ٿو تون پنهنجي سوٽ ڪيس ۾
پنهنجين ضروري شين
۽ لٽن ڪپڑن سان ڳڏ
منهنجو هيان ۽ به وِڇهون ٿي وڃين
هاڻي ايترا ڏينهن
اهو مونَ وٽ به نه هوندو
۽ توکي به.
سوٽ ڪيس کوليندي يا بند ڪندي
نظر ايندوالائي نه؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ان ۾ کهڙي کيميا آهي رکيل؟
وصل تنهنجو سِڪ ۾ آهي ٻڌل
مون ٿي سمجهيو
سڪ جو هي بار منهنجي دل تان لهندو
مون نه ڄاتو
وصل تنهنجو
پيٽي ٽيٽي سڪ ڏيندو
سڪ لاهڻ لئه نه تنهنجو جلوو گهرجي
تنهنجو جلوو
جنهن کان کا مڪتي نه آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مان پلا کھڑي دعا تو لئہ گھران؟
چو رڳو مان چاهيان، ڪلندي ئي رهہ
ع بهارن سان رڳو ٽلندي ئي رهہ
تون اگر انسان آهين
چو نہ توکي ڏک جو پاسو لڳي
چو نہ تنهنجا نيٹ هي آلا ٽين
چو رڳو مان چاهيان مون لاءِ تون
مهکندڙ ع بهکندڙ ڏسبي رهين
مان ٿو چاهيان جيکو مون کي آ مليو زندگيءَ ۾
سو خزانو تون به ميڙين
تون به شل عشق جي راهي ٿئين
ع جدائيءَ جا ڪنڌا تون پڙ لهين
ع ملي جيکو به ان مان
سو ازل جو سڪ آهي
تون به جيکر سو ازل جو سڪ ماڻين
مان پلا تو لاءِ ڪهڙي دعا گھران؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ريل ڪُوڪيندي وڃي ٿي
سانت جي سيني ڪي چيرندي وڃي ٿي
ڪا سِبيل پيڙا اڪيلينديِ وڃي ٿي
ريل جنهن جي جسم اندر
چڙ تہ منهنجي دل پئي آ
جيڪا مان ڪنهن ڳڏ وانگر
نند جي ڳهيرٽ وچان آهي وساري
نند جو ڳهيرٽ !
جو ابد جي جاڳ بڻجي
منهنجي نيڻن ۾ لهي آيو هئو.
منهنجي آڏو حسن جي هڪڙي ندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايئن ڦٽي نِڪتي
جو جڙ ڪا روڙ سيني ۾ پئي
مان اهي لمحا ورائڙ ٿو گهران
ڇ هٿوراڙيون هٽي ٿو دل ڪي ڳولهيان
جيڪا مون ڪي وجهه نه ڏئي ٿي
ريل سان گڏ سا به ڪوڪيندي وڃي ٿي
ريل ڪوڪيندي وڃي ٿي
دل به ڪوڪيندي وڃي ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مان پنهنجي تخيل جي ڪئنواس تي
ڪا تصوير چٽڻ چاهيان ٿو
ته تون ان تي
ٽپڪو ٻڌجي
ٿي ٿين نروار
جي مان ڪا به لڪ
چڪ چاهيان ٿو
ته شروعات توکان ٿئي
ڪرٽي ٿي پوي
پر اڄان ان يَوَهِ
برش ڪنيون ٻيئو آهيان
ته متان مون تي لڳي وڃي
داخليت جو الزام



سال جي آخري شام

شام تنهنجي ريشمي پوتيءَ جيان
ٽي پهاڙن جي مٿان جهلمل ڪري.
ءِ پهاڙن پوءِيان
جڙ تہ ان کي هوريان ڪوئي آهي جو
چڪيندو ٿو وڃي.
منهنجي اکين جي اڳيان
آخري ان جو پلڻ گم ٿي ويو.
جنهن ۾ منهنجي پيار جون
ڪيئي سانديل سوکڙيون گم ٿي ويون
زندگيءَ جي باب جو هڪڙو صفحو گم ٿي ويو!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڌ ورائي مان جو تنهنجي روپ ڪي آهي ڏٺو
تيستائين ان ۾ ڪيئي چنڊ ڪڙي آهن پيا.
چاندني تنهنجي بدن جي
رقص ٿي منهنجي حواسن تي ڪري.
مان اکين جي آس ڪي تازو رکي.
۽ چپن جي پياس ڪي تازو رکي
تنهنجي رخ جي روشنيءَ جو ٿو ڪيان پيو انتظار.
شام جو ڪجهه پاڻ سان گڏ وئي ڪٽي
ياد ان جي جا ستارا
رات ساري مون سان گڏ ڪندا رهيا.
مان ٿو سوچيان
زندگيءَ جي رڻ مان لنگهندي
۽ پچاڻيءَ کان اڳي
جي اڇي ڪنهن جي ڪنن ۾ ڪنهنجي پاران
ڇاهجڻ جو اعتراف.
زندگيءَ جي سو، سچي بازي ڪٽي ويو!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تون اچين ٿي ته ....

تون اچين ٿي ته
شاعري مون ڏي
اهڙي ڪنهن دوست جيان
هلي ٿي اچي
تُنهنجي باري ۾
جنهن سان گالهيون ڪرڻ
هيرَ بڻجي وئي آهي منهنجي-
تون اچين ٿي ته
زندگي مون ڏي
ٿي اچي آبشار جي صورت،
جو ڏکن جي پهاڙ کي ڪاٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن مسافر ڪي ٿو
ڪري سيراب
جو گهٽي پنڌ جو ٽڪل آهي،
تون اچين ٿي تہ
ايئن لڳي ٿو جڙ
هر ڪا موسم بهار جي آهي
ع فضا ۾
سدائين گل ٿا ٽڙن
ع هوا
صرف سرهي ٿيندي آ-
تون اچين ٿي تہ...
تون اچين ٿي تہ....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



(تاج بلوچ جي نياڻي غزل بلوچ جي قتل تي لکيل)

تاج ڪي
اڄ روءِ جي استاپ تي بيٺل ڏٺم.
هُو چپ هو!
روح جو هڪ گهاءُ هئو
جو هن جي مڪ مان ڏسجي پيو
ضبط جو هڪ بند هئو
صبر جون چوليون اڇي
جنهن جي ڪنارن سان مٿو ڦاڙن پيون-
نيٺ هن جا خشڪ هئا.
هن جي اکين روءِ تي
هڪ شور هئو ۽ هئو ڏاڍو هجوم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ شخص جيڪو سونهن جو قائل هجي
لفظ جوڙيندو هجي.
لفظ اهڙا
سونهن جن مان پئي ٻَکي
ان جي نياڻي
هن جي اکين جي اڳيان
وقت جي هن ٽياس تي ڪنهن هئي ٽنگي؟.
هن جي نياڻي
هن جي شعرن کي پڙهي
جڙ ته هن کان پئي پڇي
ڇا ابا!
انسان ايڏو آ اتم
جيڏو توکي آ يقين؟
ڀ هو چپ آ.
روڊ جي اسٽاپ تي
هڪ پيءُ چپ آ.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوابن جون ڳالهيون

هلي آ تہ پنهنجي خوابن جي باري ۾
ڳالهيون ڪيون.
هلي آ تہ پنهنجي خوابن کي
جاڳي ڏسون.
جڏهن پنهنجا چهرا
هڪ ٻئي جي ساهن جي گرميءَ کي محسوس
ڪن ٿا
جڏهن نيٺ پنهنجا
هڪ ٻئي جي پنبڻين جي هن پار
لهرون پسن ٿا
جڏهن ساري ڌرتي ٿي پنهنجي ئي گهر جو
آڱر لڳي.
هلي آ تہ پنهنجي خوابن جي باري ۾ سين کي
ٻڌايون.
تہ جيئن هر ڪو پنهنجي پرينءَ کي سڏي
پنهنجي خوابن جي باري ۾ ڳالهيون ڪري
۽ هن دنيا کي ابدي ڪري!!
هلي آ، هلي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



بليو ايريا تي چنڊ

چَنڊُ هاري چانڊوڪي
آ رات سرد.
ياد تنهنجي سارُ آ
ءِ دل ۾ درد
دل ۾ درد توڪي نه پائي سگهڙ جو
سونهن ڪان وانجهيل ڳهڙيون
ڳهارڙ جو درد
درد بڻجي ڳورو پٿر
دل ۾ پيو آ
دل ٻڌي ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل ٻڌي ٿي
پر وري توکي ڏسڻ جي آس
ايري ٿي اچي
درد جو ڳورو پٿر ٿو پور ٿي پئي.
سونهن آخر ٿي اچي انسان کي
مايوسين جي سمنڊ مان
تاري ڪڍي،
اک ۾ گوڙهو تريو آڪارڙو
اپ ۾ هو جيئن ٽمڪي تارڙو،
چنڊ هاري چانڊوڪي
آ رات سرد
ياد تنهنجي ساڻ آ
ءِ دل ۾ درد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مـــوت چـا آهـــــي؟

موت چا آهي؟
چا رڳو هڪ ساهه جي اڇ وچ بند؟
چا رڳو نيٽن جو هڪ هنڌ تڪ ٽيڙ؟
دل جو دهڪو بند ٽيڙ ئي موت آهي؟
ڀ پلا جي ايئن آهي
پوءِ ڪنهن جي موت تي
منهنجي ساهن ۾ ٽئي مانڊاڻ ڇو؟
منهنجي نيٽن ۾ ٽئي آلاڻ ڇو؟
منهنجي دل ۾ ٽوڪپي ڪوپاڙ ڇو؟
موت چاهي؟
چا اسان ان جسم کي ئي ٽا روئون
جنهن جو هڏ ڀ ڪاٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيئن يا هونئن هو
جنهن وصف سوهڻا ڏاڍا هئا؟
موت چاهي؟
موت ٿئي هڪ شخص جو ٿو
پر ٿو ڪنهن ٻئي شخص جو
همراز گم ٿئي-
ڪنهن جي اکڙين مان ڪري منظر پوي ٿو.
ڪنهن جي دل جي ٽيڪ کي ڏرکي پوي
ڪنهن جي وارن مان ٽين ٽيون
آگريون گم.
ڪنهن جي چپڙن تان
وجن ٿا چپ کسڪي-
موت هڪڙي شخص جو
ان شخص جو ئي موت ناهي
پر
ڪنهن جي آسن ۽ اميدن جو
ٿئي ٿو موت
۽
ڪنهن جي خوابن جو ٽُٽي ٿو سلسلو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سنڌ

گهاءِ توکي رسائي
اوڙ ڏرتي
جسم تنهنجي تي
ڏنپ اهڙا ڏئي
جيڪي ناسور ٿي وڃن جلدي.
پوءِ چون ٿا ته.
آ چگو ويجي
سا اگر جا ٿي وڃي ٿي ڪِني
سينڌ تنهنجيءَ جا
سي قسم کائي
ڪنهن نه ڪنهن نعري جو
سهارو وٺي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جسم تنهنجي تي وار ڪرڻ ٿا گهرن
هاڻو پر آئون اوڀر ڏرتي
پنهنجي اندر جي پيار جون پٽيون
پنهنجي محبوب ڪان
ورتل چميون
تنهنجي زخمن ۾
پرڻ چاهيان ٿو
آئون جو "ٽيهين سيپٽمبر" ناهيان *
۽ نه "پهرين آڪٽوبر" آهيان **
چٽنگ هٿ ۾ ڪٽي، ٿو واجهايان
هر ڪو گم سم وجي ٿو لهوارو.
پر هو سروپ تنهنجي ساوڪ جا
چٽنگ منهنجي ڏي پير موڙن ٿا.
پو به ڪجهه ڇئي نٿو سگهجي
جسم تنهنجو ورهائڻ وارن ۽
جسم تنهنجو بچائڻ وارن مان
جيت ڪنهن جي آ؟
مات ڪنهن جي آ؟

30 سيپٽمبر 1988 (حيدرآباد ۾ قتلام)
10 آڪٽوبر 1988 (ڪراچيءَ ۾ قتلام)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪجيءَ جي تارين ۾ اٽڪيل
چوڏهينءَ جي چنڊ
۽ تنهنجي چهري ڪي
منهنجون اکيون
همیسہ چٽو ڏسڻ چاهيندیون آهن.
تنهنجا وار ريشمي چمڪندڙ۽ خوشبودار به ناهن.
تنهنجا چپ گلابي به ناهن
تنهنجين اکين ڪي
هن ڪائنات جي ڪنهن خوبصورت آبجيڪٽ سان
تشبيهه به نه ٿي ڏئي سگهجي
پر تڏهن به اهي سڀ شيون
جڏهن هڪ وجود ۾ سمائجي ٿيون وڃن
تڏهن
اَن سراپا ڪي
۽ڪجيءَ جي تارين ۾ اٽڪيل
چوڏهينءَ جي چنڊ ڪي
منهنجون اکيون همیشہ چٽو ڏسڻ چاهيندیون آهن!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سمنڊ جو ڪارو پاڻي
ٽپو ڏئي
منهنجي پيرن سان ڪيڏو ٿو لڳي
ع مان توکي ياد ڪرڻ لڳان ٿو-
مان پنهنجي مٽان
تنهنجي يادن جي جرڪندڙ تارن
واري چادر
پيل ٿو محسوس ڪيان
جنهن مان مون کي
تنهنجي گالهين جي خوشبوءِ
تنهنجي بدن جي ڪوساڻ ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي اکين جي گونگي پن جي
آسيس ٿي اچي-
مون کي احساس آهي ته ڪن پل ڪانپوءِ
مان ان چادر جون
ڪي چيهون ٿي
دل جي ڪيسن ۾ وجهي
موٽي ويندم.
پر ان کان اڳ ۾
جو اها چادر
چيهون چيهون ٿي وڃي
چو نہ !
مان پنهنجي اکين ۾
تري آيل گوڙها
ان چادر جي پلَوَ سان
اگهي وٺان!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



چُپِ جڏهن سنسار ٿئي ٿو
رات ڏري ٿي
ڏريفڪ جو جيئن شور ٿئي بند
گيراجن ۾
توکي ياد ڪرڻ جا سعيا آن ۽ ڪريان ٿو-
آسمان ۾ تارا ڪيڏو هيسيل آهن
روڊ تي روشن بلبن آڏو
چند اباڻڪو ڪيئن لڳي ٿو
۽ هي منهنجي خيال وري ڏس
هاڻي توڏي پنڌ ڪري ٿو
تنهنجون يادون، ڪيڏيون سنڊر-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏي تن ۾ تازگي آهي
ذهن ۾ ڏکڻ هير لڳي ٿي
جسم توانو تازو ٿئي ٿو
ها، پر
جيڪا شفٽ سپاٽي ڪرٽي آهي
تنهن لاءِ زوريءَ ننڊ جي هنج ۾ وڃڻو آهي
ڪيڏو هي الميو آهي
هاءِ ! پرين ڏس!
هاڻي توکي ياد ڪرڻ پڙ
مون ڪان ڪونہ افورڊ ٿئي ٿو!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نـــراس_ آس

هڪـــڙو آواز!
ڪيڏي يار اداسي آهي
منهنجي من ۾
ڪائي ياد سمائي آهي
ساوڻ برڪا جاري آهي
دل ۾ الڪو!
نيڻ اياڳا !اجڙيل، اجڙيل.
سهڻي صورت ڪاڻ سڪايل
چپ چَسَ ڪان خالي آهن-
هاءِ! هو جيڪو ڏڪ ڏئي ويو.
سپنو بڏجي.
منهنجي جاڳ حدن ڪان پرتي
بينو آهي.
هاءِ! هو پرتي بينو آهي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيو آواز!

توکي کهڙو ڏک لڳو آ
دل جي ديوارن جون پاڙون
ڏرکن ڇو ٿيون
تنهنجي جاڳ حدن کان پرتي
جيڪو سپنو ٻيٽو آهي
تنهنجي گهلي
سيني لائڻ کارڻ
ڪوئي سانگ نه ڪر.
ساوڻ برکا مان تون کائي
بوند چورائي.
پنهنجي دل جي ڏرتيءَ کي
ڪو ريج ڏئي وڻ.
ٻيج ٻنيءَ جو گلشن مان
رابيل جي کائي مکڙي آڻي
پنهنجي دل جي گلشن کي.
مهکائي وڻ
ڪوئي سانگ ڪري وڻ
ڪوئي سانگ ڪري وڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ٽارچر سيل مان هڪ قيدي

تون مون کي
زندگيءَ جي ڏوجهرن جا
ڏئي مثال
مون کي منهنجي جواني جو
واسطو ڏئي
عزم منهنجي کي ڦيرائڻ ٿو گهرين
زندگيءَ جي عشرتن جا جام پياري
مون کي تون بيوس بنائڻ ٿو گهرين
پر اوا! فريبي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پُر پيالا رشوتن جا وچ موتائي
وچ پري مون کان پڇي
هي مٽ ڪٽي
مان حياتيءَ جي ڏنل
هر گهاوڪي
پنهنجي چمڙيءَ تي سجائي
ان جي هر هڪ سور ڪي
چاهيان سهڙ ٿو
پرينءَ پنهنجي ڪي حواسن مڙني سان
جانچڙ ٿو چاهيان-
پارڙن جا ڪارڙا گوڙها
انهن جي وات ۾ (مائرن جي ٿڃ بجاءِ)
پوندي ڏسي.
ڪيئن تنهنجا هي ڪڙا پي آئون.
تن کان ٿيان پري؟
ءِ وري معصوم جوانين جي هڙن ۾
پنهنجي پريتم جي ڏنل آسيس بدران
دشمنن جي لاءِ سانديل گوليون
ءِ گپيا (بک ۾ وري ڪائڙ جي لاءِ)
رکيل ڏسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئن تنهنجي مٽ مان اڄ مان اڄ اجهائي
ٿيان آرامي؟
مون ڪي تنهنجو روپ پيو منظور آ.
ڪات پنهنجا ڇڏ ٿپي تون مون ڏي ايندين
مان مگر هن زندگيءَ جي ڪنهن به پل ڪان
ڪنهن به قيمت تي رهڻ غافل نه ٿو چاهيان
جو مون ڪي آ يقين
ته منهنجي جسم تي
هي گهاوَ گل ٿي
مهڪندا ضرور!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سڄَ پنهنجو سِر.
اڏيءَ تي آ رکيو.
ڏرتيءَ جي هر هڪ شيءِ کي
روشن ڪرڻ جو الزام هن تي
آ لڳو-
وقت جي ڪاتي لڳي
هن جي ڳچيءَ تي-
رت سارو آ شفق
ڇڻ ٿي ويو-
ڏرتيءَ جي هر شيءِ
ويس ڪارو اوڍيو-
رات
ڪنهن شهيد جي بيوهَ جيان.
وارکولي آ پِٽيو!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪيو ڪيترائي ڪٽي گُلَ بند
گُھٽيو ڪيترائي گلا ننھن ڏئي
مگر چيٽ ۾ آھي سرھاڙ جا
۽ آھي پن چڙ ۾ آواز جو
فضا ۾ ترنم
۽ خوشبو
سي پيدا ڪندا!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مرڪ ڪائي اڻ لکائيندڙ
آ هن جي چهري تي
ٿانوَار مانجيل ڇڏي
آ اچي ڪٽ تي سمهي
سج گرهڻ ٿي لڳي اڄ سج کي
ڪنهن آ چيو!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



آل وياڻي عورت جي ڪچ ۾
پارڙو.
حال جي بدبوءِ هوندي به پئي ٿي آئيندي جي
خوشبوئن ۾
هوءِ ٽڙي!!
تون لڄي ٿين چو نه ٿي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مون سان گالهائيندي
تنهنجي رخ مٿان
مختلف رنگن جي ڪيفيت
چو نه ٿي ايري اچي-
تنهنجا گل
تنهنجا چپ
۽ تنهنجون اکيون ڪاريون
پڌائين چو نه ٿي مونکي
ته دل تنهنجيءَ جو ڏڙڪو
تيز تر ٿيندو وڃي ٿو
جيئن ئي ان کي ٿئي احساس ٿو
منهنجي هٿ جو
پر هاڻو شايد
توکي ناهي هيءَ خبر
ته تون مون کي
ڏاڍي وٽين ٿي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تنهنجو تعلق...

تنهنجي اُگرڻ جا چندءِ تارا
ڪيڏا پيارا
تنهنجي گهڙي جو پاڻي
ڪيڏو ٺڏو، ڪيڏو مٺو.
تنهنجي مَنهَ جي چانو
ته ڪيڏي گهاٽي آهي.
تنهنجي اکين جا لياڪا
ڪيڏا موهيندڙ.
تنهنجي چپن جا ليڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏا تڙپائيندڙ
تنهنجي گهٽيءَ جي اُسَ
ڪڏهن نه ڪوسي ٿي
توڏي اچڻ جو هر ڪو بهانو
ڪيڏو پيارو.
تنهنجي هر شيءِ ايڏي پياري
ڪيئن لڳي ٿي
تنهنجو تعلق هر شيءِ ۾
چو سونهن پري ٿو
ڪاش تون ڄاڻين.
تنهنجو تصور مون لاءِ آ اتساهه
جيئڻ جو.
تنهنجو هڻڻ ئي مون لاءِ آس جي
ڏوري آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تنهنجا آهن ڪيڏا عڪس فضائن ۾!
جنهن ويلي هن ڌرتيءَ تان
روشنيون ڪو چوسي وڻي ٿو،
اوندهه ٿئي ٿي، اماس ٿئي ٿي-
تنهن ويلي مان ڪي ان انڌ ۾
جي تم تم تارا ڏسجن ٿا
سي تنهنجا نيٽ ئي پاسن ٿا
۽ پوءِ مان،
پنهنجين اکين کي
تنهنجن نيٽن منجهه ڪپائي
جيئن ئي اڳتي وڌان ٿو
دنيا روشن روشن ٿئي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجا آهن ڪيڏا عڪس فضائن ۾!
ياءِ
سج جڏهن ڏرتيءَ کي تتل تاموڪري ٿو.
ءِ ڪو جيو
تنهن جي تپش کي سهي نه سگهي ٿو
تنهن ويلي
ڪنهن جي گهاٽي ورڻ جي ڇانوَ ۾
تنهنجي هنج جهڙي آ
جنهن ۾ پنهنجو مٿو ٽيڪي
پنبڙ جهڪائي
سمهي پئجي ٿو
اندر جي گهراين مان
ڪو هڪڙو اونهو ساهه ڪڍي ٿو
ءِ دل کي ويساهه ملي ٿو.
تنهنجي هنج جهڙي هيءَ دنيا
نيٺ ته ٽيندي!!
تنهنجا آهن ڪيڏا عڪس فضائن ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪيڏي ڳالهه نرالي آ هيءَ
تو به ڳٽيو ڪو نه آهي مون کي
مون به وڃايو آهي توکي
تون به وياڪل
مان به اداس
ها پر پوءِ به جيئڻ جو اتساهه
تو لاءِ مان ءِ
مون لاءِ تون آن!
ڪيڏي ڳالهه نرالي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سنڌوءَ جي لهرن ۾ ڪيڏي
چنچلتا آئي آ
تنهنجي سيني ڪي اورانگهي
جيئن اچن ٿيون مون ڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪوٽ جو احساس

چا وري هن زندگيءَ جي
ٿي سگهي ٿي ابتدا؟
زندگيءَ جا سال
جن ۾ توکي مون آهي وڃايو
ميڙجي سگهن ٿا
منهنجي زندگيءَ مان؟
چا اهو جيڪو وڃايو آهي مون
تنهن جو ڪو آهي بدل؟
منهنجي اندر ۾ آ جيڪو
رهجي ويو ٿر جو ٽڪر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چا اهو سيراب ٿيندو؟
ڪو نه ٿيندو
ڪو نه ٿيندو
ڪو نه ٿي سگھندي
وري هن زندگيءَ جي ابتدا.
ڪو نه سيئي سال
منهنجي زندگيءَ مان ميٽبا.
ڪو نه ٿر جي ان ٽڪر تي
بوند ڪائي پيار جي ڪرندي ڪڏهن-
ڪوٽ جيڪا زندگيءَ ۾ رهجي ويئي
سائي رهندي.
ها مگر.
ان ڪوٽ جي هوندي به پنهنجي زندگي
جي وقف اهڙي زندگيءَ جي لاءِ ڪجي
جنهن ۾ ڪنهن جي من اندر
ٿر جو ٽڪر ڪو ڪو نه رهجي
ءِ ڪوٽ سان.
ڪنهن سونهن لاءِ اتساهه بڻجي
پوءِ ٿي هن زندگيءَ ۾
آس بڻجي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



چا سماج جو ڪو به رشتو
جيڪو توکي ڪنهن به پئي شخص سان
لڳايي ٿو چڏي
ان ڳالهه جو دليل آهي
ته تون منهنجي ناهين؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



دل لڳي وئي آهي توسان
ءِ مان پنهنجي وس ۾ ناهيان
هاڻي مون تي ڪو ڪندو اعتبار ڪو نه
جي چوان
منهنجو توسان واسطو ڪوئي نه آهي-
چ تو منهنجي نرڙ تي
رات پنهنجا سرخي لاتل چپ
رکي چڏيا هجن
ءِ اهو چڏيل نشان
مستقل ڪنهن ڏوهه منهنجي جو هجي
ڪوئي گواهه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اڄ صبا تنهنجي تصور کي
پکوڙي نرم و نازڪ پنهنجين
بانهن ۾ اچي
منهنجي آڏو
اشتهاري ملزم جيان
آهي بيهاريو.
چئ! تہ هاڻي چا ڪجي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مل جي ڪنهن پرزي جيان
پاڻ کي ساڳي ئي محور تي هلائي
پنهنجي ديوتيءَ جي مقرر ڪلاڪن کان مٿي
پنهنجي زندهه محنت
ڪنهن بي جان کي ڏيئي
جنهن جو تمام گهٽ عيوض
چند روپين جي صورت وٺي
اوور ٽائيم ڪمائي
گهٽي رات گذري وڃڻ کانپوءِ
جو موتي ٿو گهر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسائتي گهرواريءَ جي مٺ ۾ پکوڙي
اهي چند رپيا
سپاٽي ورڀ ان پوائتي محنت جو سوچي
جوکٽ تي ڪري ٿو
ڪٽي نند ان کي وڃي ٿي خلا ۾
۽ زال ان جي
سيراندي ءَ جي هيٺان
اهي چند رپيا رکي
سڳي بيقراريءَ سان
ان جي ئي پر ۾ لڇندي رهي ٿي
۽ رات، هر رات جيان
ٽرندي رهي ٿي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڌرتيءَ جي سطح تي ڪلر چڙهي ويو
ڪنهن جو مٿو سفيد ٿي ويو.
ٻوڙ بک جي
پيٽ ورن مان ورڻ پريںءَ جي
ڳالهين جا
اکيڙي چڏيا-
پيار جو مطلب
هاڻي هٿڑي مٽجي ويو آ-
احساس هاڻي
ڏاڍا تيز ٿي ويا آهن-
هر ڪو پاڻ
روز جيئڻ لاءِ
روز مري ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر ڪا پينڊ پنهنجي اڪين ۾
پاڻ جي خون جي سرخي پايون.
نڪتي آهي.
هر ڪنهن ماڻ جي
اکين ۾
ڳوڙهن جو ڪو سنهڙو تهه .
هميشه لاءِ چڙهي ويو آهي
هر ڪنهن پيءُ جا چپ.
هميشه ڦڙڪن ٿا-

.....

هاٿي هٿڙي ڏرتيءَ جي سطح کي ڦاڻڻو آهي.
هاٿي ان کي
گهوپن سان اڌلائڻو آهي
ڪوسي، تازي، مٿي پاهر اڇڻي آهي-
گونج نوان لهرائڻا آهن.
گيت نوان کي ڳائڻا آهن
هاٿي هٿڙي.
پيٽ ورن ۾ پيار جو ريج ڏيڻو آهي
هر هڪ ماڻ جي اکين تان ڏنڊلو پردو لاهڻو آهي
هاٿي هٿڙي خوف جو راکاس اڇڻو ناهي
هاٿي هٿ وڌائڻو آهي
هاٿي پير وڌائڻو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



زندگيءَ جي اذيتن مان روز لنگھندي
روز پنھنجي دل تي ڪئي بڙچيون سھي.
ھن حياتيءَ جي ڏنل ھر گھاوَ ۾
ظالمن جون ڪيئي تتل سيخون سھي
رندن مٿان رت ھارڙ جون صدائون ٿو ٻڌان جڏ
تنھن سمي.
زندگيءَ جي بيقرارين، ڪوفتن
ھيٺان رکيل
خانو نظر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل ۾ اچي ٿو.
انقلاب ڪنهن اچڻ جو
آ يقين جنهن ۾ رکيل
جنهن ڪري ئي ٿو لڳي
سارو سجايو هي وجود
ايئن بلڪل، جيئن هوندو آهي ڪنهن
سورن واري عورت جي
ڏکوئيندڙ، بيچين گهڙين سان
هڪ حسين، دلڪش تصور
ماڻڻ ٿيڻ جو!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



چنڊ، روئڻھارکو ٿي.
ککريءَ جي گود ۾ منھن لڪائي
چڙ ٿہ سڏکا پري رھيو آھي-
رات جا سپ ستارا کنھن سرڙ کان خوفزدہ چوزن
وانگر
چون چون کري رھيا آھن-
ڏرتي.
کنھن ماءُ جي پوتيءَ جي کنڊ وانگر
پِڇي وئي آھي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورڻ
هراسيل ماڻهن جيان
چپ هنيون بيٺا آهن-
سڄي سنسار تي سڪوت طاري ٿي ويو آ-
پر!
هن سنسار جي پنجن ئي حواسن واري مخلوق ۾
کو تحرڪ. کا احساس جي لهر نه ٿي ايري
جو ظلم جي بنديخانن ۾.
اڄ هڪ (انهن مان ئي ڪو!)
ظالم جي اڻ مڃي ۽ بي جا تشدد جو
نشانو بڻجي.
انهن لکن جي تعداد ۾
وڃي شامل ٿيو.
جن انسانيت جي پيلي چهري کي
رت ريٽو ڏئي آ ڳاڙهو ڪيو.
۽ جن جو تعداد ڪنهن کي به ياد ڪونهي-
اڄ جي سرخروءَ جي بيوهه.
اهو سڀ ڪجهه سوچي.
خلا ۾ تڪي رهي آهي!!

(نظير عباسيءَ جي شهادت تي لکيل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



چاهنا جي موٽ

جڏهن وقت گذرڻ سان
توکي لڳائي تہ مون
هئو توکي چاهيو
تڏهن منهنجي پياري
رڳو مون کي پنهنجن
خيالن ۾ آڻي
تون مرکي ئي ڇڏجان
تہ مون کي ملي موٽ ويندي
منهنجي چاهنا جي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اجا رات باقي آ
خلقت مٿان
اجا لوڪ آهي
ستو ئي پيو
اجا چند تارن کي آهي مزو
اجا ڪو نه نڪتو آ سورج ڪٿان
اجا صبح اوڙهيل آ ڪارو لٽو
اجا اڪ بند ڪاري پلڪ سان
اجا مون کي تنهنجو آ اوسيئڙو
اجا مان ٿو جاڳان تنهنجي ياد
سان
مون ساريندي تون جو هيڪر
اچين
هي سارا ڏنڊ لڪا
ختم ٿي وڃن!!
ختم ٿي وڃن!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نيوٽران بم جي خالق ڈانهن

سر سبز باغن ۾
لڏندڙ لمندڙ
گاڙهاڻ پيلا گل ڏسي
ڇ انهن سان کيڏندڙ
انهن کان به سهڻا پارڙا ڏسي
مائرن جا چاتين ۾ هونگڙيون ڏيندڙ
پار ڏسي،
هاريءَ جي بدن مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نٿھڙ اس ۾
ٽمندڙ پگھر جا ڦڙا ڏسي،
سج لھڙ سان
ملين مان
آفيسن مان
نڪرندڙ مزدورن جون ٽوليون ڏسي
پري پري تائين
پھاڙھن جي چوٽين تي
ٻہ پيار ڪرڻ واريون
جوانيون ڏسي،
۽ فطرت جا
دل ڏکائيندڙ ۽
دل لڀائيندڙ
روپ ڏسي ٻہ
تنھنجي دل ۽ دماغ ۾
انسانيت لاءِ
ڪا سڪ نہ جاڳي.
او! نيوٽران بم جا خالق
او! انسان جا بگڙيل روپ
توکي مان ڇا سڏيان!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مينهوڳي

ڪالهون ڪر مسلسل وسندي
مينهن وسي اڄ بس ڪئي آ،
گهر ڌهي پيو آهي ڪنهن جو،
پيءُ پريشان
ڇَن ڪي ٽيڪون ڏئي ٿو،
ماءُ وياڪل
مينهوڳيءَ ۾ سانجھ ڪاري
ءِ هو پار،
پنهنجي ننڍڙي ڪاڏيءَ ڪي
پنهنجي هٿ سان ٽيڪ ڏيون
دل پنهنجيءَ ۾ اٽ تڻ لايون وينو آهي،
من ڪا جهرڪي ڦاسي
منهنجي ڪاري هيٺان!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تنهنجي گج تي
ڪاون وانگر
منهنجي من ۾
جرڪا آهن.
تنهنجين يادن جا-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



جذبات جڏهن
پرجي اچن ٿا اکين منجهه
تہ چاهيندي به نہ ٿيون ٿين
اکيون، اکين کان ڌار!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪلندي مهل
تنهنجي ڳٻي ۾
ڇڳھ پوي ٿو
ايئن لڳي ٿو
جڙ سنڊوءَ جي پيٽ ۾
ڪو ڪُن پوي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تنهنجو
منهنجي پرسان هجڻ جو
احساس ،
منهنجي روان خيالن کي
بي ربط بڻائي ٿو ڇڏي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



منهنجي دل اڄ چئي ڏنو آ
تون مون کي ڪا نہ وٽين ٿي
ايئن جيئن ڪنهن
بار جي هٿ ۾
تافي ڏئي ۽ چورائجي
چئہ تہ فلاٽو ڪِنو آهي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



خوبصورتي
خوشحالي
ءِ امن پسندي ۽ واري خواب تان
ڪو به شاعر هٿ ڪٽي نه ٿو سگهي
تون پلي چئه ته
اهو سپ ڪوڙ هئو
جنهن تي مون اعتبار ڪيو
پر جڏهن منهنجي آڏو
بيلٽ باڪس ڪان ويندي
ڪنهن نئين سامايل ناري تائين
جي عزت نيلام ٿئي
ته مون کي ساڳيو خواب ڏسڻ لاءِ
ڪنهن پئي دليل جي ضرورت ناهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪنهن ضديري پار وانگر
تنهنجون يادون
منهنجي دل مان
ڪين وڃن ٿيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



توکي ياد ڪرڻ پڙ مون لءِ
آهي عياشي
جيڪا مون کان
دل گهرندي به
هر ڪنهن ويلي
ڪا نه ٿئي ٿي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نظر جي حدڪان چپن جي سرحد تائين
تنهنجي جلوي جا رنگ وکريا آهن.
چپن جي سرحدڪان
اندر جي لاحد تائين
تنهنجي احساس جي گرمائش آ
منهنجي احساس جي گهرائيءَ ۾
منهنجي تخيل جي ارتقا جو سبب
تنهنجو مادي وجود آ پياري!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



آءُ تہ گڏجي لمحا پکڑيون.
لمحا جيڪي
ڪيڏو ويجها هوندا آهن
توکي ياد ڪرڻ جي ويلي
پوپٽ جي رنگين پر جيان
جرڪا ڏيندڙ
پنهنجي نظرن وچ ۾ اٽڪيل
لمحا پکڑيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي هن گهٽيل گهڙي ۾
هيسيل آهن-
جن تي مايوسيءَ جي وحشت
ليپجي وئي آ
ڪيڏا! هاءِ ! اپاٽڪا آهن
جيڪي توکان يا شايد مون کان
گم ٿي ويا هِن
آءٌ ته رتوچاڙ ٿي پيو هان
پوپٽ جي رنگين پرن جيان
جرڪا ڏيندڙ لمحا
آءٌ ته گڏجي پڪڙيون!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



محبت جي باري ۾
جو ڪجهه پڙهيو هئم
غزلن ۾، گيتن ۾
نظمن ۾، بيتن ۾
سرن ۾
ڏنن ۾
جو ڪجهه ڪيو هئم
محسوس
مون کي اچي سمجهه ۾ ويو
جڏهن تون سامهون اچي وئين.

(مرڪزي خيال جيڪ لنڊن ڪان ورتل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



توکي ڏينهن چٽي ۾
منهنجن نيٽن کين ڏٺو.
هاڻي جيڪا رات اچي ٿي
تنهن ۾ توکي چٽو ڏسڻ لاءِ
چاندوکي به نه ناهي-
هاءِ پر
دل ۾ اميدن جا
ڪِرٽا آهن-
ڪيڏي آس لڇي ٿي.
ڪاري رات اچي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



توکي ڏسڻ سان
منهنجي اندر ۾
چا چا ٿئي ٿو
تون چا چاڻين!
توکي ڏسڻ سان
منهنجي اکين ۾ جيڪي رنگ اچن ٿا
سي جي پَسين تون
دنيا کي رنگين رکڻ لاءِ
منهنجي اکين کان
کو نه هٿين تون!
کو نه هٿين تون!
توکي ڏسڻ سان
منهنجي چپن ۾ جيڪا رس اچي ٿي
سا جي چکين تون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

من جي اڄ اجهائڻ لاءِ
چپ چپين تان
ڪو نه ڪٽين تون
ڪو نه ڪٽين تون.
توکي ڏسڻ سان
منهنجي بدن ۾ جيڪا اڳ
پري ٿي
سا جي سيڪين
پنهجي دل کي گرمائڻ لئه
منهنجي ٻک مان
ڪو نه ڇڇين تون؟!!
ڪو نه ڇڇين تون؟!!
پر! تون منهنجي! اکين ۾
گهوريو ئي ناهي،
پر تون منهنجي چپڙن کي
چوسيو ئي ناهي
پر تون منهنجي سيني کي
ڇهيو ئي ناهي.
تون ڇا ڇاڻين!
تون ڇا ڇاڻين!
توکي ڏسڻ سان
منهنجي اندر ۾
ڇا ڇا ٿئي ٿو!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تون سڏين ٿي، آءٌ ٿو توڏي اچان
ڪيڏو تيز؟
ڪيئن چوان، آءٌ توڏي اچان
جيئن جبل جي چوٽين سان پاڻ
رهڻيندي وڃي ٿي.
جهڙ جي ڪري ڪنهن جي ڪان؟
آءٌ ٿو توڏي اچان.
آءٌ چاڙهيءَ تان ٽڙيل ڪوئي پٿر
تون آن ميداني نهر جيان
چاڻ ٿو توسان ملان
آءٌ ٿو توڏي اچان.
جستجو هر شيءِ ۾ آهي
هي سفر ناهي اجايو
هن ۾ تون ءِ هن ۾ مان
آءٌ ٿو توڏي اچان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



جاڻ سڙيو ڦُلڪو
تئي جي باهه جهڪي ڪرءِ
ساڙي ڇڏ الڪو.



ٻيهي تي ويهي
سانت ٽوڙي ڪوڪ سان
"آ ڏکڻ ڏيهي"



ولهه ۾ آهي ڪٺ
هوءَ منهنجي آغوش ۾
ساهن ۾ آ ستَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ٽڻن مان گوهڻا
چئونرين جي ساز تي
فطرت سنيهڻ.



ميرا ليکا منهن تي لائي
متيءَ ۾ ٿوکيڏي پار
ماءُ پري کان نظرون لاهي.



ياد وکوڙي جيئن
خشڪ سرءُ ۾ وينءِ کائي
نيٺ نپوڙي ڪيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ولهه ۾ هوءَ ستل
ڪوسا چپ اچي ڪنهن رکيا
مٽان هن جي ڳل.



حيرت ۾ آ هاڙ
ينيرڪي ۾ ڪويگو
ڳل ڇڏي آلاڙ



چيڪي مٿي لڳن لائي
ڪيڏا هار سينگار ڪري ٿي
"هاڙ پرين من لئون ۽ لڳائي"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



معصوميت جو موهه.
دل ڏڙڪڻ کان اڳ ئي پرٽيل
عشق ويو ٿي ڏوهه.



ويندي ويندي وات
ڪن لنون ٿا سانت ۾
هو تنهنجا سرپاٽ.



جود ڪري ڪڻ چوڙ
وٽ ريجهائي پارکي
دل مان ياد نپوڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



چيلهه تي گهاگهر، چلڪي چلڪي،
وک ڪٽي اڄ، هلڪي هلڪي.

گهاگهر ۾ جيئن، پاڻي چلڪي،
پيار ۾ ايئن دل، چلڪي چلڪي.

چيلهه چهبي آ، گهاگهر آ سئين،
چوڪر ٻئي آ، ديرڪي ديرڪي.

پَپ جي ڪڙڪي، تي پون ۽ جاڳي،
پير ۾ پايل، چمڪي چمڪي.

لوڪ ٻيهي ويو، آ هنڌ هڪڙي،
جاڻ ڏسبو هوءَ، مرڪي مرڪي.

يار ڪلي پيو، آهي يارو،
مرڪون ميڙيان، مُرڪي مُرڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



شهر سڄي ۾ جيڪو آهي هُل منهنجو آ
تنهنجي وارن ۾ جو آهي گُل منهنجو آ.

مون وٽ جيڪا رسوائي آ تنهنجي آهي
تو وٽ جيڪو درد لکل آ ڪُل منهنجو آ.

تنهنجي هڪ هڪ گهور اپاريو آهي مون کي
تنهنجي نگاهن ۾ جادو اوتيل منهنجو آ.

تنهنجين محرومين واري احساس جو بار
ڏوئي ڏوئي جسم ٿيو هي شل منهنجو آ.

وٽن منجهان پن ڇڻ ۾ ڇٽيل پتن ۾
بي وطنيءَ جو ڏک سدا ساڏيل منهنجو آ.

ڏيساور وارئو هي منهنجو ديس اتوَ
گهايل گهايل هن ۾ هر هڪ پل منهنجو آ.

(بدر قريشيءَ جي جي هيٺين مطلع کان متاثر ٿي لکيل)

شهر ساري ۾ جو هُل آهي، اهو منهنجو آ
تنهنجي وارن ۾ جو گل آهي، اهو منهنجو آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



هوءَ آئي هلي بنا سينگار
سونهن جا متجي ويا سيڻي معيار.

پنهنجي بربادي تون ٿو پيار چوين
زندگي منهنجي آ سنواري پيار.

ڪنهن جي آڏو تون سرخرو آهين
ڪنهن جي آڏو مجي وتي تو هار.

هن جي اکڙين ۾ ڪاڻ موتين جي
سيج هن جي سجي گلن جا هار.

مورچن تي چٽيءَ پرينءَ جي سان
حوصلن کي هٿي ملي ٿي يار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪنهن جـي بيوفائي آن
منهنجـي رهنمائي آن.

ويڙهـجي ڪٿوريءَ ۾
سـاهه ۾ سمائي آن.

تون ڪا آرسي آهين
منهنجي خود نمائي آن.

هڪ ته ڪانه ٿي وسرين
پيو سنورجي آئي آن.

هـيءَ اداس موسم ءِ
تـون به ڪانه آئي آن.

ست نظم جـي آهين
هائو! تون اُهائي آن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



وري سونهن آ روح ۾ ڪا رچي
وري منهنجي آڏو وئين ۽ تون اچي.

اُرهه پرهه جا جو اگهاڙا ٿيا هِن
فضا روشني ۽ سان وئي آ رچي.

سَٽون اڇ ٿيون ڏاڍيون اچن ساهه ڪي
ڇڇي ساهه جي پئي نه ڏوري ڪچي.

رکيا پير گورا اچي نند اکين تي
وئي آس هيڻان انهن جي اچي.

پَڏي چير تنهنجي الهڙ رات، منهنجي
اکين جي اگهڙ تي آ ڏاڍو نچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



دل ڇيو اڄ آزمايو آهَ ڪي.
اڄ وري ڇڏيم سمهاري ڇاهه ڪي.

ڇا وري تو آهي مون ڪي ياد ڪيو؟
اڄ وري ست آئي منهنجي ساهه ڪي.

ڪير ٿو مونسان هلي پيو هيئن ڳڏ
ڪنهن مٿي ڇڏيو آ منهنجي راهه ڪي.

تون ته ڪيڏي اوپري ٿي پئي لڳين
پرهه تنهجي مات آ اونداهه ڪي.

منهنجي آڏو ڪير هئو، ڇا تون هئين؟
مون ٿي سمجهيو مون چُميو اڄ باهه ڪي.

لفظ هڪڙو منس ڪاريءَ ميٺيو
تو جياريو، سچ جي ساراهه ڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



گلابن ۾ آئين ۽ ته چا؟
حِجابن ۾ آئين ۽ ته چا؟

چپن کان ته دُوري رهي،
نگاهن کي پائين ۽ ته چا.

اندر کي اُساتي، اُساتي،
بدن تي وچائين ۽ ته چا.

وسڻ کي وساري، وساري،
مٽان منهنجي چائين ۽ ته چا.

ملڻ ويل ساڳيا ڏوراپا،
وڇڻ ويل رائين ۽ ته چا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اچي ڪو هٿائي آڻيان منهنجي ڪکريون
ته جيئن ڇنڊ پورو اچي مون آکين ۾.

هي تنهنجو ئي آهي سبب منهنجي پياري
جو سينگارجي سونهن ٿي مون آکين ۾.

ڇڪين پاڻ ڏي ٿي تون ايڏي ته سگهه سان
نه دنيا، نه رشتا رڳو تون آکين ۾.

وري ڏس ٿي تنهنجي جدائي ڏکاري
وري هينئڙو ڦٽيو نه جو تون آکين ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ويندي ويندي مرڪ چٽي ماڻهن تي ويئي
ڪيئي خزانا غربت ۾ بہ لٽائي ويئي.

آءُ رنو هئس جنهن تي اڄ بربادي سائي
ڪهڙي ليکي ٿي ڪنهن جي آبادي ويئي.

سرگردان، حيران، پريشان رهڻ لڳا
اهڙي تنهنجي چُوس لڳي نيڻن کي ويئي.

ڇا مان پنهنجو پاڻ بچائي سگهندس ڪو
جي هٿڙي نفرت جي باهه لڳائي ويئي.

پوءِ تہ سراپا باهه سنڈو شعلو ئي ٿيندو
جي هن مان جذبن جي آڳ اجهامي ويئي.

تنهنجي پاڪر واري باهه ٿي ياد اڇي
برف جيان ٿي هاڻي آهه جڏائي ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکين تي ڪرائي رکي تو آ پياري
شرم کان فضا هيسجي وئي آ ساري.

ايئن ئي جهُڪائيه ڪٽي جو اکين کي
اجهامي وئي باهه، يا ڪنهن آ ٻاري

اجهو مان چنو گل ڏيڻ لاءِ توکي
ڪنهن جي دل ڏکائي ڪنهن جي آ ڏاري.

اڏامڻ ڏي وارن کي چو ٿي پَڏين
وسڻ تي آ شايد مٿان ڪکري ڪاري.

ڏسي مون ڏي تون جو پئي آهين مرکي
ته چڙ ڪنهن مُئي ۾ حياتي آ هاري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ٿي جواني ڪَرَ ڪٽي اندران تڪي
چولڙي جي اوٽ ۾ سا ڪيئن لِڪي

رات ڪاري آهي هن جو ويس ڪو
چنڊ جو ايڙڻ ان ۾ جڙ ڪا انگھ لڳي

هير ٽڏڙي گذري هن جي جسم تان
جڙ ته هن جي جسم ڪي ڪو ويو پَکي

رات هن جيءَ ۾ آهي ڪنهن جو دخل
بند اکين ۾ ڪير ٿو هن کي سڏي

ڏاڍي ماندي ٿي ٽئي چنڊ کي ڏسي
جڙ ته هن تي غير جي ڪا اک پئي

رات گذري آهي لُڇندي تڙڦندي
صبح ٿو هن جي سجاڳيءَ سان ٽئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



جڏهن تو ڏسي مون کي پنهنجو ڪيو
پرين منهنجي دل ۾ نئون گهر ٺهيو آ.

وري تون ۽ آهن وري منهنجون اکيون
وري جڙ زمانو به رڪجي ويو آ.

نه پُڇ تنهنجي جلوي ۾ ڪيڏي تڙپ آ
دلين کي پُلائي رُلائي ويو آ.

زمانو به تنهنجي چپن جي طلب ۾
سوين سُوريون اُکري اُڀتي وڏيو آ.

ويو رنگ ڪهڙو ٿي آهي شفق جو،
جڏهن سج ان جي چپن کي چُهيو آ.

املهه مينهن جي آ ڪٽي جنهن اڇي،
ٿر جي پٿن جي گپٽن کي چميو آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



بند ڪمري واري گهُٽ دل ۾ اڄ ڇانئي آهي
تنهنجي ياد هوا جي جُهوٽي جيئن آئي ڪاهي.

ڪوڙو هي رشتو آ ڪيڏو جسم سندو سائين
جي متجي ورتاءُ ته جڙ ڪو رشتو ئي ناهي.

هينئر منهنجي آڏو جيڪر ٿوري دير ويهين
هيڏي بور پٽي جي پت ڪي آءٌ وجهان ڏاهي.

ڪاري رات لڳي ٿي جڙ هن جو ڪارو ويس
چند لڳي، جڙ ان ۾ ڪائي انگهه لڳي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪيئن ڪنهن کي ڪا نظر ڳهائي وجهي ٿي
وقت جون اڏيل پتيون ڏاهي وجهي ٿي.

تون سدا ڪان سار منهنجي ساهه جي آن
سار تنهنجي ساهُ ڳرمائي وجهي ٿي.

توکي سوچڙ اوپياري شاعري آهي ڪرڙ
سونهن تنهنجي لفظ جوڙائي وجهي ٿي.

سُرَ تہ هر هڪ تار ۾ آهن سُتا پيا
تنهنجي آڱر تن کي جاڳائي وجهي ٿي.

تون چپن تان ڳهائي سرخي لاهي اچجان
لوڪ اڳيان راز ورجائي وجهي ٿي.

تو جڏهن چولي ۽ جي اڳيان پانهون ڪوليون
منهنجي دل جيئن پاڻ اڇلائي وجهي ٿي.

التجا، آهي شڪايت يا ڪين ۾ آڇ ڪا!
جا بہ آهي دل کي تڙپائي وجهي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



زندگيءَ جون شاهراهون پيون ڪُلي
تنهنجون اڄ مون لاءِ پانهون پيون ڪُلي.

تنهنجي اکڙين مان حياتي پئي ٽمي
تنهنجي مرڪ ساڻ راهون پيون ڪُلي.

تون اکين رستي لهي آئينءَ اندر
مون ۾ تنهنجون بارگاهون پيون ڪُلي.

ڪوڙ منظر سامهون جاڳي پون ٿا
نيٺ مهٽي جيئن نگاهون پيون ڪُلي.

استعارن ڪي ملي اڄ زندگي وئي
اٽ لکيون تنهنجون ادائون پيون ڪُلي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پاڻ ڪان ٿو دُور مان نڪتو وڃان
ڪنهن جي ڇڏيل واس پويان ٿو وڃان.

ڪنوار ڳاڙهيءَ کي ڏسي ويڳاٽيل
ريت جي رُڃ ۾ ئي رلندو ٿو وڃان.

ڪنهن ٻُڪايل پار کي ڳس تي ڏٺم
پنهنجي منزل ڪان ئي پُلندو ٿو وڃان.

ڪنهن ڪان ڪنهن جي لاءِ ڪو نياپو وٺي
هير ٻڌجي ڪائي ڳهلندو ٿو وڃي.

ڳهور مون ۾ جان ڪئي تو آ پرين
مڪڙيءَ وانگر هاڻي ڪلندو ٿو وڃان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن ئي نڪتو قيد ٿيو آ
حُسن اڃا آزاد نہ ٿيو آ.

قاتل چپٽي پهچي ويئي
جيئن ئي ڳاڙهو گل ٽڙيو آ.

ڪاري ڪڪري ڏکندي آئي
اوندهه ۾ جيئن چند ڪڙيو آ.

ڪارا پنبڙ ڪري پيا آهن
اڪ جو اڪ سان ميل ٿيو آ.

ٿهڪڙو جيئن منهن تي آيو
ڳوڙهو اڪ ۾ تيئن ترپو آ.

اکيون آهن پرجي آيون
منهن سامهون جو پرين ٿيو آ.

جلوو آهي آمهون سامهون
دل جو ڏڙڪڻ وڏي ويو آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



دل جي دروازي جا کولي تاڪ چڏيا ثمر آءُ،
آءُ ايئن جيئن باغيچي مان آيو تازو واءُ.

تنهنجا لفظ جو پهتا مون کي آهن اڄ پرين
تنهنجن چپڙن جوئي مون کي آيو تن مان ساءُ.

تون چا هين مون لاءِ تنهنجي لاءِ چا آهيان مان
تنهنجي ڪشش مان آهيان ۽ تون آن منهنجو ورتاءُ.

ڪيڏي پيڙ اچي وئي دل کي جانُ مون آهه ڀڏو
تنهنجي وڪ ڪڇي هئي مون ڏي، مون وٽ هئو پڇتاءُ.

جيڪي منهنجا شعر تون پڙهندين ٿورن لمحن ۾
دل نچوڙي پوءِ ٿيو آ، تن جو ايئن جڙاءُ.

دنيا تنهنجي هنج جيان ٿي سگهندي پُرسکون،
تنهنجي هنج ئي جنت آهي، آهي ڪو نه وڃاءُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سِجَ پَتي آ اک ڪٽي ڪنڌ پوڻن مان
ڪَر پيچي تو ايئن نهاريو وڪريل وارن مان

مَس وري تو آهي منهنجو حال پُڇيو
مسَ وري ڪا آئي صدا اڃ تارن مان

ڪيئن نٽايان توکان هيڏيءَ محفلِ ۾
تو ئي ڏسجين ڏرتي ۽ آڪاشن مان

وڃ ۾ تنهنجي ۽ منهنجي آ کهڙي ڳالهه
ڪيئن ڇهان مان توکي هيڏن پردن مان

تون نه اُهائي آهين پوءِ ڇو هِيئن لڳي
جڙ تون آئي آهين منهنجن خوابن مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



وَسي ٿي ڪير تنهنجي شاعريءَ ۾؟
پُڇي ٿي پاڻ ڪيڏي سادگيءَ ۾!

صدائون پيار جون ڪيڏيون اڇن ٿيون
جڏهن ٿو بيهجي برساتڑيءَ ۾

ڪيان مان ڏت دل ڪي ڪيئن آخر
وڃي هر هر پوي ٿي باهڙيءَ ۾

لڳي ٿي هوءَ منهنجي ڇا؟ پُڇين ٿو
وٺي ويندڙ آ مون کي شاعريءَ ۾

ملي ٿو چين هن بي چين دل کي
رڳو تنهنجي بدن جي پاڪڑيءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سونهن جون سرهاڙ جون ڳالهيون ڪجن
ڪي پرين ۽ جي پار جون ڳالهيون ڪجن

ڪيترو دونهون پريو آهي شهر ۾
ڪي ڏکڙ جي واءَ جون ڳالهيون ڪجن

تون ته سڀ موضوع ڪٽي وڃين ۽ پاڙ سان
ڪيئن هاڻي پانهنجون ڳالهيون ڪجن

آ ته تنهنجي اکڙين ۾ گهور پائي
شهر ۾ ماڻار جون ڳالهيون ڪجن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سڀ دنيا جون راحتون منهنجون ٿيون
جيستائين هي گهڙيون منهنجون ٿيون.

انگ تنهنجا ڪنهن جي گهر ۾ قيد هِن
چا ٻڌا هي چاهتون منهنجون ٿيون؟

سڀ قبوليون مون اُماڻيون لوڪ جون
جيستائين هي چُميون منهنجون ٿيون.

منهنجي اندر جا نہ ڪنهن سڏڪا ٻُڌا
۽ چون ٿاءِ سڀ خوشيون منهنجون ٿيون.

هي ڪويتائون اڃن ٿيون تو سان گڏ
چا ڪڏهن هي بي چيون منهنجون ٿيون؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



بس رڳو ٿورڙي اکيلائي
پوءِ يادن جي ڪائي ڇڄ آئي

مون کي اڄ پاڻ ٿو وڻي ڪيڏو
جيئن تنهنجي ڇهڻ جي ياد آئي

ڇڻ اڃان تنهنجو هٿ آ مون تي
ڇڻ وري آهي سڳي، رات آئي

هُن جي رئي جو پلئه مِليو آهي
يا ڪا سُرهاڻ منهنجي گهر آئي.

www.sindhsalamat.com books,sindhsalamat.com



ڪري به ڪير سگهي ٿو شمار لمحن جو
جي تنهنجي ياد ۾ گذريا اداس صبحن جو

جي تنهنجو چهرو پري ٻُڪ ۾ ڏسان ٿو مان
ته جڙ ڪو مون ۾ ڪلي ٿو جهان ڪرٽن جو

سڄي دنيا کي مان هاڻي خوشي ڏئي ٿو سگهان
جڏهن چڪايو پرين آ سواد چپڙن جو

تون منهنجي بخت جي ڪا آخري علامت آن
سبب به تون ئي آهين بي حساب خوشين جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سار ۾ ڪيڏو سمايل ٿو رهان
پيار جي آڏو اجايل ٿو رهان

هوءَ منهنجي سامهون آهي سدائين
پوءِ چو هن کان نٽايل ٿو رهان

ياد تنهنجيءَ جون ٽڙي ٽاريون پون
پوءِ خوشبوءَ سان واڳيل ٿو رهان

تون جڏهن پوٽي اکيون آ پاڻ ارپيو
پوءِ چپڙن کان ستايل ٿو رهان

جنهن گهڙيءَ گولهي لڏم توکي پرين
لوڪ کان پوءِ مان وڃايل ٿو رهان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



شعر منهنجا ته قدر پائن ٿا
جي اهي تنهجي دل لپائن ٿا

نيرٽ چاهِن ته توکي ڏسجي رڳو
چپ ڪيڏو مگر ستائن ٿا

مون ڪان وهنوار ئي ويو وسري
پير توڙي ئي پنڌ ڪرائن ٿا

پيار تنهنجو ملي سگهي ئي نه ٿو
خواب ڪيڏو ته رڻ رلائن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



چو پلا ڪِل يوگ ٿي وسري وَيَئي
چا پلا ڪو عشق جو آ معاملو؟

ها توهان ماڻهن اڳيان ٿيو سُرَخرو
ها بنا ڪنهن مرڪ جي مونسان ملو

هونئن ته محفل ۾ نشانو مان هئس
هاڻي ڇو ايڏو نٽائي ٿا هلو

ڪا نظر اڇلي اسان ڏي چاهه جي
پاڻ ڪيڏو ٿهڪڻ سان ٿا هلو

مان وڇايان پاڻ کي بستر ڪري
جي اوهان چاهيو ته ٿورو آهِلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



چڙ تہ پوپٽ جي پرن کي ٿو چُھان
جيئن مان تنھنجي چپن کي ٿو چُھان

تنھنجي چھري ڏي وڏڙ جي ڏوھہ ۾
روز پنھنجين آگرين کي ٿو ڪُھان

توڏي پھچڙ ٿي پيو ڏاڍو اٽانگو
دل چريءَ کي ڪيئن ھي ٻوڙي چوان

ھن کي منھنجي شاعريءَ سان پيار آ
تنھن ڪري رت روز دل کي ٿو ڪيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



شهر سنسان ٿي وڃن ٿا ڪيئن!
ڳوٺ ويران ٿي وڃن ٿا ڪيئن!

رنگ، خوشبوءِ خوشيون ۽ ڪُلڪاريون
تو سوا زيان ٿي وڃن ٿا ڪيئن!

تون جڏهن ٿي اکين کان اوجهل ٿين
عڪس بي جان ٿي وڃن ٿا ڪيئن!

ذڪر تنهنجو نه ٿو ڪيان جنهن دم
لفظ حيران ٿي وڃن ٿا ڪيئن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



چِپَ چو ڪانھ ڪا ڪري پئي آ
ھوءَ تہ ڪي پھر ٿياءِ ھلي وئي آ

وقت جي ان گھڙيءَ کي چا چئجي
گل چڙيو ءِ ٽڙي ڪلي وئي آ

نيرٽ روشن ءِ چُپ جبل جيڏي
پوءِ بہ جڙ گاڙھ ڪا سلي وئي آ

ڪِل ڪي ڪيئن ٽي پچائي ھوءَ
ڪِنورڙِ جڙ ڪِنورڙَ ڪان جھلي وئي آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اهو به سچ آ زمانو پنهنجي روايتن کي نپائيندو پيو
اهو به حق آ ته عشق آوي سدا دلين ۾ پچائيندو پيو

زمانو توکي هزار پردن ۾ ويڑهي سيڑهي لکائي رکندو
ڀ جلوو تنهنجو هزار پردن کي چيري چهرو پسائيندو پيو

مڙوئي رشتا هي زندگيءَ جا به توکي ڏاڍو چڪيندا رهندا
ڀ عشق سارا هي بند ٽوڙي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ نچائيندو پيو

الاپ اهڙو جو دل چوي ٿي ته پنهجي دل کي به چيري رکجي
پر راز دل ۾ لکل جو آهي سَنڌ سَنڌ ۾ ڇِڪائيندو پيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترائیل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مان جڏهن توکان هٽايان ٿو ڏيان
هر حسين منظر وڃي ٿو ٻيءَ جُوءِ
ٻيءَ ٿو نظرن جو ٿئي ڏاڍو زيان
مان جڏهن توکان هٽايان ٿو ڏيان

تون جڏهن مون ۾ ڪرين ٿي آستان
مون ۾ پوءِ هر ڪو پسي ٿو تنهنجي رُوءِ
مان جڏهن توکان هٽايان ٿو ڏيان
هر حسين منظر وڃي ٿو ٻيءَ جُوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مون مڃيو آ تون دليلن کان مٿي آن
بس رڳو تون آن ته هيءَ دنيا وڻي ٿي
ذهن پُراسرار کان پڙ تون مٿي آن
مون مڃيو آ تون دليلن کان مٿي آن

منهنجي راحت جو سبب بس تون ئي ٿي آن
جڏهن بيماريءَ ۾ هر شيءِ ڏنب ڏئي ٿي
مون مڃيو آ تون دليلن کان مٿي آن
بس رڳو تون آن ته هيءَ دنيا وڻي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تون ڪنارن ڪي ڇڏين ٿي پوئتي؟
تو صدا ڪنهن جي ٻڌي سِيرن اندر؟
ڪُنَ تنهنجي منزلن ڪان اورتي
تون ڪنارن ڪي ڇڏين ٿي پوئتي

تو ڇڏيو مون ڪي اڪيلو ڇو هتي
تڙپندو ۽ ڦٽڪندو ويرن اندر
تون ڪنارن ڪي ڇڏين ٿي پوئتي
تو صدا ڪنهن جي ٻڌي سِيرن اندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تنهنجي نگاهه دل ۾ڪپي آهي جنهن سمي
هڪ سونهن جو مينار ايو دل ۾ ٿي پيو.
مايوسين کي ضرب لڳي آهي تنهن سمي
تنهنجي نگاهه دل ۾ڪُپي آهي جنهن سمي.

دل ۾ اجاري آس ڦٽي آهي جنهن سمي
تنهنجي حسن جو ڏُڪ چپن تي اچي پيو.
تنهنجي نگاهه دل ۾ڪپي آهي جنهن سمي.
هڪ سونهن جو مينار ايو دل ۾ ٿي پيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



جنهن ويلي تون آهين مُنهنجي پانهن ۾.
دنيا کي بدلڻ جي خواهش ڇڏڪي ٿي.
کيڏي سونهن رچي ٿي پنهنجي راهن ۾.
جنهن ويلي تون آهين منهنجي پانهن ۾.

ويتر دنيا سهڻي ٿي وئي نگاهن ۾.
تنهنجي اکين ۾ پيار جي وٺ جيئن ڦڙڪي ٿي.
جنهن ويلي تون آهين منهنجي پانهن ۾.
دنيا کي بدلڻ جي خواهش ڇڏڪي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نيري اپ تي اڇي جهڙ جون ڪريون وکريون پيون آهن
هوا جي رخ تي هيڏي هوڏي بيوس ڪيڏو اڏرن ٿيون
جڙ ڪنهن مَنَ جون آسون ٻڌجي ٻاڦ اکين مان اڏيون آهن
نيري اپ تي اڇي جهڙ جون ڪريون وکريون پيون آهن

جڙ تہ امن جي جهنڊي جون کي وکريل وکريل ڇيهون آهن
جڙ تہ ڦٽيون کي وونڊڻ ۾ ڪنهن بم لڳڻ سان اڏرن ٿيون
نيري اپ تي اڇي جهڙ جون ڪريون وکريون پيون آهن
هوا جي رخ تي هيڏي هوڏي بيوس ڪيڏو اڏرن ٿيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مينهن جي لڙهين سان گڏجي تون وسين ٿي
ذهن سان گڏ جسم کي پڻ ٿي پسائين
ع ڪرين ٿي ٻوڙ ٻوڙان جڏ رسين ٿي
مينهن جي لڙهين سان گڏجي تون وسين ٿي

پنهنجون سپ شرطون مڃائي دل ڪسين ٿي
ع اڇي ٿي آس جا سپ ڏيئا وسائين
مينهن جي لڙهين سان گڏجي تون وسين ٿي
ذهن سان گڏ جسم کي پڻ ٿي پسائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تون نشيلي، اَسُر جي ڪنهن پهر جيان
تون ڇٽائي ان صبح جي سوهڻي
تون وڏي آئين ۽ مون ڏي لهر جيان
تون نشيلي، اَسُر جي ڪنهن پهر جيان

تون ڇُلين ٿي منهنجي من ۾ بحر جيان
تون جي ناهين مان نه آهيان، موهڻي.
تون نشيلي، اَسُر جي ڪنهن پهر جيان
تون ڇٽائي ان صبح جي سوهڻي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



چن چن ڪهڙي ساز جي آهي تنهنجي پيرن ۾؟
تنهنجي اکين ۾ ڪهڙو جام نرالو آهي؟
جنهن تڙپايو آس ڪي آهي دل جي ديرن ۾
چن چن ڪهڙي ساز جي آهي تنهنجي پيرن ۾

جر جر ذرتي ٿي پئي آهي منهنجي پيرن ۾
منهنجي اکين ۾ تنهنجو پار جهڙالو آهي
چن چن ڪهڙي ساز جي آهي تنهنجي پيرن ۾
تنهنجي اکين ۾ ڪهڙو جام نرالو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



رات جي ڪارنهن دنيا تان ڏوئي ٿي ماڪ
ع هو افق تي ڳاڙها ڳل ٽڙن ٿا ڏس
ڪيڏا ڏندڙ پر ڏسجن ٿا پنهنجا ٿاڪ
رات جي ڪارنهن دنيا تان ڏوئي ٿي ماڪ

رات جا ڳڏري ڪنهن جا ان ۾ چڪيا چاڪ
اکيون کولي، آءٌ اچي هي مون سان ڏس
رات جي ڪارنهن دنيا تان ڏوئي ٿي ماڪ
ع هو افق تي ڳاڙها ڳل ٽڙن ٿا ڏس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تون جڏهن چير پڏي دل ۾ هلي ايندي آن
رات جي سانت ۾ ياد جو ويس ڏيکي
سڪ جي سمنڊ مان پري ڪيئي وٽيون ڏيندي آن
تون جڏهن چير پڏي دل ۾ هلي ايندي آن

تون سڄي ماحول کي مدهوش ڪري ويندي آن
روپ کي، سونهن کي، چاندوکيءَ ۾ ڏيکي
تون جڏهن چير پڏي دل ۾ هلي ايندي آن
رات جي سانت ۾ ياد جو ويس ڏيکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ٿڏڪارون ٿڏڪارون آهي
تنهنجي ياد جي وستي پياري
ساري منڊ بهارون آهي
ٿڏڪارون ٿڏڪارون آهي

گوڙ سڄو هُيڪارون آهي
هر شيءِ تنهنجي هستي پياري
ٿڏڪارون ٿڏڪارون آهي
تنهنجي ياد جي وستي پياري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



حُسن جي انتها نہ حد آهي
ان جي گهرائي جي وڃي کو ڏسي
نہ کوئي ديس نہ سرحد آهي
حسن جي انتها نہ حد آهي.

چوهه چڪ، آڇ بيحد آهي
هنجي هڪڙي نهار ۾ کو ڏسي
حسن جي انتها نہ حد آهي
ان جي گهرائي جي وڃي کو ڏسي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪير اچي ٿو منهنجي دل ۾
سپنو ساڃيان يا تون آهين؟
ساهه نچي ٿو منهنجي دل ۾
ڪير اچي ٿو منهنجي دل ۾

ساز ڇڙي ٿو منهنجي دل ۾
تار آ سڏڪي يا تون آهين؟
ڪير اچي ٿو منهنجي دل ۾
سپنو ساڃيان يا تون آهين؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



شام نويلي شرميلي ڪنوار وانگر
هوا هلي ٿي يا ٿو ان جو گهونگهٽ سرڪي
ياد لهي ٿي دل ۾ ڪنهن تلوار وانگر
شام نويلي شرميلي ڪنوار وانگر

ڪٽي پوي ٿي منهن تي ڪنهن چمڪار وانگر
ڪ منهنجي دل رڪي رڪي ٿي پيئي چرڪي
شام نويلي شرميلي ڪنوار وانگر
هوا هلي ٿي يا ٿو ان جو گهونگهٽ سِرڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



رات جي چوٿ جيان تنهنجي اکين ۾ اسرار
تون ٻلي گهوري، ٻلي گهوريَ ٻلي گهور پرين
اڻ ڪيل تنهنجا انهن مان بکن ٻيا اقرار
رات جي چوٿ جيان تنهنجي اکين ۾ اسرار

تون ڪڏهن رُسيئن نه مون کان نڪو ٿين ڏار
تون ٻلي دور، ٻلي دور ٻلي دور پرين
رات جي چوٿ جيان تنهنجي اکين ۾ اسرار
تون ٻلي گهور، ٻلي گهور، ٻلي گهور پرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پرين ۽ جي ياد ۾ هاڻي اڇي نئين ڍنگ سان ٿي
نہ ڪنهن جي ڏسڻ تي، نہ ڪلڻ تي نہ شرمائڻ تي
اسان ڪي ڏات ۾ هاڻي ڏنگي نئين ڏنگ سان ٿي
پرين ۽ جي ياد ۾ هاڻي اڇي نئين ڍنگ سان ٿي

اسان جي دل ۾ تڙپي هاڻي نئين رنگ سان ٿي
نہ ڪنهن جي رسڻ تي، نہ ملڻ تي نہ للچائڻ تي
پرين ۽ جي ياد ۾ هاڻي اڇي نئين ڍنگ سان ٿي
نہ ڪنهن جي ڏسڻ تي، نہ ڪلڻ تي نہ شرمائڻ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تنهنجي قربت سمجهايو چا آهي خوشي
توکي چمڙ سان وڻيم هڙ حياتيءَ جو
حسن دنيا کي سمجهايو چا آهي خوشي
تنهنجي قربت سمجهايو چا آهي خوشي

تنهنجي سونهن بڻايو مون کي آدرشي
پرينءَ جي پر ۾ گهارڻ واري حياتيءَ جو
تنهنجي قربت سمجهايو چا آهي خوشي
توکي چمڙ سان وڻيم هڙ حياتيءَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



دل گھٹو ئي ٿي گُهري پر ڪيئن توکي چاهجي،
هي زمانو، لوڪ جون نظرون ۽ پنهنجا خالي پيٽ،
توکي چُمجي، توکي پنهنجين اکڙين ۾ لاهجي،
دل گھٹوئي ٿي گهري پر ڪيئن توکي چاهجي.

دل کي هاڻي ڪيئن تنهنجي چاهنا تان لاهجي،
هي سمو، انبوهه ماڻهن جو ۽ تنهنجي اک ٽيٽ.
دل گھٹو ئي ٿي گهري پر ڪيئن توکي چاهجي،
هي زمانو، لوڪ جون نظرون ۽ پنهنجا خالي پيٽ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سانت جو شور ٿو ڪري پاڳل
ڏيمي سُر ۾ ڪو ساز ڇيڙ پرين
آهي ڪيڏو ويو اينگهي ٿي پل
سانت جو شور ٿو ڪري پاڳل

مان ازل کان رهيس ايئن وڪريل
مون کي پنهنجي هٿن سان ميڙ پرين
سانت جو شور ٿو ڪري پاڳل
ڏيمي سُر ۾ ڪو ساز ڇيڙ پرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪير تنهنجي اچڻ جي آڻي خبر
هي هوا، رات يا ستارا هي
ڪنهن کي حوصلو نه آهي پر
ڪير تنهنجي اچڻ جي آڻي خبر

ڪيئن دل مان اٿي رهي آ جر
ڏس اکين ۾ لکل اشارا هي
ڪير تنهنجي اچڻ جي آڻي خبر
هي هوا، رات يا ستارا هي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڏس جهِنوي تاري پئي آ ڪيترو
دور ڪان اڏندو اچي ويٺو چَتُون
ع سَمو هي چهچ ڪيڏو ٿي ويو
ڏس جِهنوي تاري پئي آ ڪيترو

ڏس ته منهنجي دَل لُڏي آ ڪيترو
جيئن ئي ان تي اچي ويٺين ٿون
ڏس جهِنوي تاري پئي آ ڪيترو
دور ڪان اڏندو اچي ويٺو چَتُون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تنهنجي اکين جون ڳلين آهن اداس،
تنهنجو چهرو دانهن جڙ ڪائي ٿو ڏي
مان ٿو پاڻيان واس تنهنجو آس پاس
تنهنجي اکين جون ڳلين آهن اداس

تنهنجي ڪمري جي هُجان اونداهه ڪاش!
تنهنجو جنهن سان روپ ٿو ڳالهيون ڪري
تنهنجي اکين جون ڳلين آهن اداس
تنهنجو چهرو دانهن جڙ ڪائي ٿو ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اچان هُن ڪنيو پير آهي ئي مَس
تہ چم چم سڄو گوٺ آ ٿي ويو
وڃائي ڇڏيو پاڻ ڪي آهي گس
اچان هُن ڪنيو پير آهي ئي مَس

اچان هُن چنديا وار آلا ئي مَس
تہ رم جهم هي منهنجو ذهن ٿي ويو
اچان هُن ڪنيو پير آهي ئي مَس
تہ چم چم سڄو گوٺ آ ٿي ويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



لٹو منهن ۾ پنو، ڪنڌ لڙيو، ڪرنگهو پگو
رسي ڇيڀي ماس ۾، ڦٽڪو ساهه ڏنو
ڏرتي سُڏڪي سانت ۾ موتيو ماڪ پنو
ڪويل ڪُرڪي ڪوڪ ڪئي ڪبوتر رنو
جهريو جهور ڇنو، ماءُ هلي پٽ پيڇري

بنجامن مولائيزي، آفريڪي شاعرڪي هڪ فوجيءَ کي مارڻ
واري الزام ۾ قاسي ڏيڻ جي ردعمل ۾ لکيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



وري هڪ پيرو مونکي مات ڏئي وئي
وري اظهار ۾ مون کان ڪٽي وئي
ڪٽي بادل نگاهن جا مٿان مون
رڻاري، منهنجي دل کي ۽ هلي وئي

رڳو هڪ نينهن آهي هن جهان ۾
جو ڪنهن کي ٿاهي ٻي ۽ ڏاهي ٻي ٿو
وري ويساهه پُختو ڪيو اسان ۾
حسن، جيڪو سدائين آٿڙي ٿو

جي مون ۾ عشق جي آوي ٿري وئي
ته لڳندو زندگي پالهي لنگهي وئي
ڏئي ڪيڏي خوشي هوءَ اوچتو وئي
وري هڪ پيرو مون کي مات ڏئي وئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نہ ڏس مون ڏي چتائي هن ويلي
متان چهري جي لالي ڪجهہ ٻڌاوئي
ٻڌي اقرار جون سرباتيون جا
خوشي ٿي رنگ چهري جا متائي
اها ٿورو لڪائي مان وڻان پوءِ
ملان ٿو توسان مڪ تي مرڪ آڻي
نہ ڏس مون ڏي چتائي هن ويلي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وائیون

۽

گيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



جا ٿي منهنجي من کي رولي

تو ۾ آ ساورڻ
اڙي اوا ويسري،

کيئي ڏينهن لنگهي ويا آهن

اڃ تون هن سانورڻ،
اڙي اوا ويسري،

ساري توکي ٽاري ٽاري

ءِ هوانبن ورڻ،
اڙي اوا ويسري،

وري دل ٿي هرکي پيئي

تنهنجي لاءِ ڏسڻ،
اڙي اوا ويسري،

ساوا پيلا پن وڻن ۾

سرءُ آءُ ڏسڻ،
اڙي اوا ويسري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



(1984ع حڪومت طرفان ڏاڙيلن خلاف آپريشن جي نتيجي ۾ ڪچي مان لڏپلاڻ وقت لکيل)

آئي! منهنجو ياڻڙو
ڪنيي ڪير ويو
ڏڙ وريو آ هيڪلو

وڻن پاڇا لاڙيا
جهڄي جيءَ پيا
ڏڙ وريو آ هيڪلو

اکيون، ڪُنيون، سَڪٽيون
ڪالي پيٽ رهيا
ڏڙ وريو آ هيڪلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آس اکين ۾ پاڻ ٿي
ڦرڪي چپ پيا

ڏڻ وريو آ هيڪلو

پنهنجي گس تي اوپرا
ڪنهن جا پير پيا

ڏڻ وريو آ هيڪلو

جيءَ پياري جُوءِ ڪي
ڇڏي هير ويا

ڏڻ وريو آ هيڪلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پرين تون ته هلي آ هيڪر
آهي منـــد اُداس.

پنهنجين مست نگاهن ڪـــي تون
پنهنجن ڪارن وارن ڪي تون
پنهنجن وچ وراکن ڪـــي تون
ڇـــڏ پڪـيڙي
آهي مند اُداس.

پرين تون ته هلي آ هيڪر
پنهنجن ٺهڪن جي تالن ڪـــي
پنهنجن سُرڙن جي سازن ڪي
پنهنجن چپڙن جي تاڪن ڪـــي
ڇـڏ تون ٽوڙي
آهي مند اُداس.

پرين تون ته هلي آ هيڪر
تنهنجي نيڻن جي مرڪـــڻ جي
تنهنجي سيني جي سهڪڻ جـــي
تنهنجي نڪ جي موڙڻ جي
ياد وڪـــوڙي
آهي مند اُداس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تون ته نِمن جي چانوَ
مون لئہ نتھڻ اُس ہہ

ٹڈي پاڻــيءَ جــا پريل
تــون مٹيءَ جــا ٹانوَ
مون لئہ نتھڻ اس ہہ

تــو سوا هــي لــوڪ جڙ
ڪان ڪان ڪندڙ ڪانوَ
مون لئہ نتھڻ اس ہہ

تون ئي آن منھنجو اَجھو
تــون جيئڻ جــا ڏانــوَ
مون لئہ نتھڻ اس ہہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اٿي آڏيءَ رات جو نندون ڦٽائي،
مون لاءِ سوچي ٿي-
هوءَ نندڙي پارکي سيني سان لائي،
مون لاءِ سوچي ٿي-
آئيني جي آڳيان اکيون جهپکائي،
مون لاءِ سوچي ٿي-
چُلهي جي ٻرسان جهرکيون هيرائي،
مون لاءِ سوچي ٿي-
وهاٽي کي زور سان پاکـــــر ۾ پائي،
مون لاءِ سوچي ٿي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



گُهمندي گهمندي باغ ۾
ڏسي گاڙها گُل
اڄ وري پنهنجو پرين آ ياد پيو.

رُت بسنت جي سورج تي
ڏسي جهڙ جي جهُل
اڄ وري پنهنجو پرين آ ياد پيو.

هلندي هلندي لوڪ ڪان
پئي ساڳيا هُل
اڄ وري پنهنجو پرين آ ياد پيو.

ساري پنهنجو سپرين
ورجائي هيءَ پُل
اڄ وري پنهنجو پرين آ ياد پيو.

ڪنهن مسافر جا ڏسي
گاڙها گل پِگل
اڄ وري پنهنجو پرين آ ياد پيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



وقت ڪي ڪاڏي ڪجي
ڪيئن ڪنهن کي ڳولهجي.

پون ۽ تتل، تريون چني
اپ اٽائو، باهه ڏي
ڪيئن ڪنهن کي ڳولهجي.
هن جي ڪچ تي پار آ
هوءَ نه ساڳي پائجي
ڪيئن ڪنهن کي ڳولهجي.
روپ جي رفتار تيز
ٿو گلن ۾ پيهجي
ڪيئن ڪنهن کي ڳولهجي.
درد ڪوهيڙو بڻيو آ
ڪو نه ٿو سُونهون سُجهي
ڪيئن ڪنهن کي ڳولهجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تنهنجو چهرو لال
ڪنهنجي اکين جي رانپوٽن سان-
تنهنجو چهرو لال
تنهنجي چپن جي چاڻ تي آ
هينءَڙو هي پامال.
تنهنجو چهرو لال
تنهنجي اکين جي پرهه ليٽيل
اوسيءَڙو بي حال
تنهنجو چهرو لال
تون ئي آهين جيڪا آهين
باقي سڀ جنجال
تنهنجو چهرو لال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيت

(پاڻياريءَ جو گيت سنڌوءَ ۾ سوکڙي وقت)

ڪيڏي ڪاري واري آهي
هاڻ ته واري ئي واري آهي.
سنڌو هٽندو هو جت چوليون
پاڻ پچايون هون جت چوليون
توجا جُوءِ سنياري آهي
هاڻ ته واري ئي واري آهي.
ڪيڏا ڏينهن لنگهي ويا آهن
ڏاڏا ڏک ڏنگي ويا آهن
ونجهه نه ڪو ڪا ناري آهي
هاڻ ته واري ئي واري آهي.
تنهنجا جذبا سنڌوءَ پيٽ
منهنجون آسون ان ۾ پيٽ
ڪيڏي تن ۾ ياري آهي
هاڻ ته واري ئي واري آهي.
اکيون پاڻي، پاڻيءَ ڪاڙ
سکن جي ته وراڻيءَ ڪاڙ
پنهنجي سڪ نياري آهي
هاڻ ته واري ئي واري آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيت

جيڪو مڇ مڇائي وئي آن
هاڻي ان ۾ ڪانيون سور
مون سان اور
جيڪي تنهنجي ڳُجهه جون ڳالهيون
ڇاهي زماني جي راهن ۾؟
ڇاهي محبت جي پانهن ۾؟
عشق جي تارازيءَ ۾ تور
مون سان اور
جيڪي تنهنجي ڳُجهه جون ڳالهيون
رنج سندو جو گهاءُ پيو آ
داغ ڪري سوداءُ پيو آ
هاڻي پنهنجي دل تان ڪور
مون سان اور
جيڪي تنهنجي ڳُجهه جون ڳالهيون
تنهنجي پريت وهائي ڳوڙها
منهنجي پريت پيئي ٿي ڳوڙها
ڪير ڇئي آ ڪنهن جي زور
مون سان اور
جيڪي تنهنجي ڳُجهه جون ڳالهيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بئي چاپي لاءِ
نئين شاعري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



2010_ پوڻ جا ستايل

پاڻيءَ جڏهن اسان جا پير ڪڍيا
تہ اسان سُڪَ جي تلاش ۾
سهڪندا، ڪنهن جاءِ تي اڇي پهتا سين
ءِ ان لمحي جي بيوسي، اسان جي چهرن تي
ڏسڻ لاءِ
موٽرڪارن وارا، پنهنجي ضمير جي تسڪين خاطر
اڇي پَهُتا-
هنن اسان سان همدرديءَ جو اظهار ڪيو-
ڪيترن لاءِ همدرديءَ جو اهو اظهار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بس! هڪڙي ئي دفعي لاءِ هُيو –
اُڪاڙن ۽ اُڪڙجي ويل پيرن سان زندگي گزارڻ
اُنهن جي مشاهدي ڪرڻ کان
گهڻو مختلف آهي –
ڪنهن ڏتڙيل جي، هڙان وڙان مدد ڪرڻ
صدقي، خيرات، زڪوات جي نالي ۾
سولو ڪم آهي –
ائين ڪرڻ سان گُناهن جو بار گهٽجڻ جو
احساس پيدا ٿئي ٿو-
۽ ماڻهن جي بيوسيءَ جو تماشو ڏسڻ
ان ڪري به ضروري ٿئي ٿو
ته يقين ٿي سگهي ته
هن هُجوم کي امداد وڻڻ جي طلب
ڪيڏي گهٽي آ
۽ پنهنجي حالت بدلائڻ جي همت
ڪيڏي گهٽ--!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



عشق جو آسمانُ گهمي ڏسندين ۽
پاڻ کي بي نشانُ ڪري ڏسندين ۽

دل پَٽي پاڻ کان پَري اُڇلي
جِسم جو باردان ڪٽي ڏسندين ۽

مارُ ڪيڏو نگاهه جو ٿو ٽئي
گهورَ جو تيز کانُ هٽي ڏسندين ۽

وصل جون سي گهڙيون جي ٽپڪي پون
۽ هجي اِمڪانُ ته جِي ڏسندين ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



محبت جون ڳالهيون

محبت جون ڳالهيون
جڏهن هن کي هاڻي ڇڇوريون لڳن ٿيون
تڏهن دل چوي ٿي
نئين سر کا محبت جي هڪڙي کهاڻي پڌائڻ
شروع ڪيان
.....هلي جيڪا هزار راتين کان اڳتي
اچا اڳتي ..... اڳتي،
ع پاڻ ۾ روٿني هيوسٽن جو آلاپ پيدا ڪيان
.....ع آئي لو يو.. وري مان به ڳايان
.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جسم جي ڪُراڙپ
اڪلائي،
بيروزگاري،
معاشي مسئلا،
...نئين ان ڪهاڻيءَ ۾ ٻي معنيٰ پاسن
....نئين سا ڪهاڻي، هلي جيڪا هزار راتين کان اڳتي
بي معنيٰ پاسن اهي سماجي رشتن جا ٻندڻ.
..... رڪاوٽ وجهن ٿا جيڪي دلين ۾
محبت جي ان، مان ڪهاڻي ٻڌهيءَ ۾،
اولاد کي پنهنجو همراز ناهيان،
معصوم ٻارن جي ٿهڪن کي ڪوئي ترانو ڪيان
ءِ دوستن جو ڪو مضبوط لوڙهو اڏيان،
چڱيرن، مٽيرن کي ميڙي نبيرو ڪرايان
.... محبت جي ان ريت کي گڏجي اڳتي وڌايان
.....
.....اڄان مان ڪهاڻيءَ کي اڳتي وڌايان
جنوني سياست ،
اڄان جنهن کي ماڻهوءَ جي ناحق لهوءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهنجڙ جي آهي تمنا،
اجاجنهن کي ڪاڻي ڪڙ لاءِ
... بيڳار ڳهرجي
انهيءَ کي محبت جي نئين ڪا کهاڻي
پڌائڙ شروع ڪيان
..... هلي جيڪا هزار راتين کان اڳتي
.. مونکي ان کهاڻيءَ لاءِ ڪردار ڳهرجن
... انا جي هڏي تن جي ڪرنگهي مان نڪتل گپي
اها مان کهاڻي ايڏي وڏايان،
جو هر ڪو محبت جي سنهڙن سرن کي
.....پنهنجي ڪنن ۾ سانديي رکي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اچي نيٺ جذبن جا ٽاندا ڦُلا ٿيا
نہ تنهنجي چپن مان مگر ڦُوڪ نِڪتي

سدائين رهيو جسم دڳَ ۾ رکاوٽ
دليون کو نہ مليون، رڳو هُوڪَ نڪتي

جدائيءَ ڏنا جِهيرَ کوئل کي جيئن ئي
لِکا ڳوڙها اندر، ٻَهر کُوکَ نڪتي

عقل کان نہ سلبي ڳجهارت دلين جي
نتيجو ٻُڙي آ، جي هڪ چُوڪ نڪتي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



بغداد تي حملو

امريڪا ۽ ان جي اتحادي فوجن
بغداد تي
بمباريءَ جو پهريون وسڪارو شروع ڪيو
۽ بلڪل ان ئي سمي
تو مونکي اها ڳالهه چِٽي ڪري پُڌائي
ته تنهنجو مون سان عشق جهڙو ڪو به تعلق ناهي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويچارو بغداد،
ءِ ان جون ڪجون
ءِ ان جا ڳلاب
ءِ ان جا پارڙا...

ويچاري منهنجي دِل
ءِ ان جون حسرتون
ان جا خواب
ءِ ان جا ارمان...

بغداد ڪي برباد ڪرڻ وارن جي دعويٰ آهي ته هو
ان ڪي ٻيهر تعمير ڪندا-!
پر افسوس،
جو منهنجي دل لاءِ اهڙو ڪو به واعدو ڪيل ناهي-!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نظم

جڏهن دل تمنا ڪرڻ ئي نه چاهي،
گهرڻ ئي نه چاهي،
جو گهرجي ٿو ان کي-
جڏهن هڪڙي وک تي
اڇي پنڌ پهچي-
ءِ پوءِ اتي ئي جَمي بيهي رهجي-
نه اڳتي ئي وڌجي،
نه پوئتي ئي هٽجي-
نه وک کي وڌائي
پنڌ کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪجي-
نه ڪو روڇ راڙو منزل نه ماڻڻ جو
پيدا ڪجي-
پلا اهڙي لمحي کي
ساندي رکڻ جو جتن ڪو ڪجي؟
فنا جي سفر ۾
اندر ئي اندر ۾
هلکو ڪري پاڻ
اڇلائي-ڇڏجي.؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



زبيده

(منهنجي پيڙ منهنجي ڏيءُ)

وڏي پيڙ منهنجي
نندي ڏيءُ ٻڌجي
گگن تان اگهڙ تي اچي آ لٿي –

مونکي جنهن ڪرايو سفر عرش جو
لفظن ۾ هن جي هئي جادوگري –
منهنجي لاءِ "گل جائو سم سم" هئي
اُها لوڪ گيتن جيان هئي مٺي –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٽي چيلهه تي جنهن هڻو مونکي ڳهمايو
ڳڏيءَ جيان اڇي آ هٿن ۾ پئي

منهنجي لاءِ وڏيون ڇمارون پني
ڳڏاري سڳهي ڪانه پنهنجي وهي

ءِ مان ڪيو عزمران سان اهو
ادي! مان ڳهٽيل تنهنجا ارمان سارا
ويا جيڪي ناموس تان وارجي
جَهلي ڇيڇ سوڙهين ڳهٽين مان ٽپائي
وڏين شاهراهن تي پهچائيندس
تون پنهنجي جواني ڪي پورو ڪجان -
مان تنهنجو اَبوُءِ ياءُ ٿيندس - !!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر ڪو ماڻهو هلي ٿو پاڻيءَ تي
پير هن جا زمين تي ناهن

سپ ڪي گهرجي جواز نفرت جو
عاشقي، شاعري روا ناهن

مان سجاڻپ ڪان ڪيئن آجو ٿيان
مون تي هي چار ڪنهن وڌا آهن

منهنجي ملڪيت سڄي خدائي آ
ڪوڙا قبضا سين ڪيا آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



خيرپور جون ڪجيون
سڄ لهندڙ ڪي پنهنجين تارين جي وارن
۾ سوگهو ڪيو-
هر ويراني ڪي
آباد ۽ سهڻو ڪيو-
چنڊ ڪي رات جو
هٿڑا گهمائي نندائو ڪيو
خيرپور وانگيان
منهنجي دل جي نگر ۾ به
جهرمٽ ڪيو-
خيرپور جون ڪجيون -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون جا منهنجي هَير
تون آهين ڪير؟
پڌائين چونہ ٿي مونکي

تون منهنجي اندر جي آن ڌِير
تون منهنجي ظاهر جي زنجير
تون آهين ڪير
پڌائين چونہ ٿي مونکي

تون مون لئہ سونا سونا سنگ
تون مون لئہ ڳاڙها ڳاڙها پير
تون آهين ڪير
پڌائين چونہ ٿي مونکي

تون مون لئہ اچرج
جي آن گهڙي

تون مون لئہ
اٽ تر آن تقدير
تون آهين ڪير
پڌائين چونہ ٿي مونکي -!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



زمانو زور لائي ٿو
ڀ مونکي ڪري محروم تنهنجي حسن کان
پاڳل بڻائي ٿو
هو چاهي ٿو
ته جيڪو حُسن هو ماڻي سگهيو ناهي
اهو ڪو پيو به ماڻي ڇو؟
زمانو جنهن کي چڱجي ٿو
اهو محروم ، بزدل، اڻ سَهو ماڻهن جو جٿو آهي
انهيءَ کي جو ڏکاري ٿو، ڏُتاري ٿو
ان کي عشق چڱجي ٿو
زمانو ان جو ويري آ
ڀ هوُ پڻ،
زماني جو—!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سوانحي غزل

Tribute to family & friends

زندگي منهنجي حصي ۾ جيڪا آئي
سارڻ خوشين جي اداسائي به آئي

ٻاڪ، نيڪي، هير، گهر جون رونقون ۽
آ وشال مَنَنار، مثال ان کان سوائي

دل جي ڌڻ ڌڻ جون صدائون جو ڪنايون
آ اڇي ارشاد منهنجي دل ٻڌائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوصلن کي پَست ٿيندي جيئن ڏنو آ
فيض ۽ آصف جي ياري راس آئي

هڪڙي لمحي ۾ اچي مان قيد ٿيو هان
ان جي گذرڻ جي گهڙي پر کا نہ آئي

پيئرون ٿيون چپريون تائي اُٿَت ۾
پاڻ پاڃائي بہ جڙ منهنجي کمائي

ساز کيڏي پيار مان "بابا" چوي ٿو
هيءَ بہ هڪڙي سوکڙي آهي خدائي

دل چوي بابي امان کي کو ٻڌائي
اڄ وري ڏاڏي اوهان جي ياد آئي.

باک، نيکي. هير = ڏيئرن جا نالا
وشال ۽ مثال = ٻڌن جا نالا
ارشاد = گهرواري
فيض = فيض الله ٻيرزادو (دوست)
آصف = آصف فرخي (دوست)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



دنيا جي مسافت ۾ ٽڪُس، چور ٽي پَيُس
تنهنجو وجود ذهن جي لئہ سيج پلنگ آهي

تون منهنجي حياتيءَ کي نئين معنيٰ ڏني آ
هر موڙ گذر گاهہ جو، نئين قوس قزح آهي

مان ڪيترن خانن ۾ حياتيءَ کي ورهايو آ
جنهن خاني جي گم چابي آ، ان ۾ هو رکيل آهي

مان روز ٿو برباد ڪريان پنهنجي ڪمائي
پرپور حياتيءَ جو جيئڻ، روز مرڻ آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



منهنجي دل جي اڪيلي ورڻ تي
اچي ٿي ڪوئل جڏهن به ڪوڪي
انهيءَ کي خاموش ڪيئن ڪرايان
ڪيئن لنوايان مان عشق ازلي
ڪيئن پڌايان
توکي ته هاڻي سنسار سُونو لڳي رهيو آ
اندر ۾ اُونو وڃي رهيو آ
ته تنهنجي ڪَڇ ۾
لڪائي منهن کي
رهيل حياتي گذاري ڇڏجي.

www.sindhsalamat.com — books.sindhsalamat.com



سوا تُنهنجي عنايت جي
پلا پيو پاڻ وٽ ڇاهي

هئي دنيا اڪيڻ اوجهل
رسايَو تو هتي آهي

هُيس اڻ ڄاڻ هر شيءِ ڪان
نه ٿي ڄاتم قصو ڇاهي

رڳو آ ياد تنهنجو هٿ
ڪڍيو جنهن تارِ مان ڪاهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



"عدت ۾ ويئل سنڌ جائي ءَ لاءِ"

اڙي شاهزادي
هي دربار ۾ سڀ سوالي
ڪٿان ڪان ڪهي
تنهنجي ديدار لئ اچي گڏ ٿيا هِن
هي سورج جا ڪرڻا
هوا جا هي جهُوٽا
چاندوڪي راتيون
گلن جون قطارون
پاڙي جي گِهٽي
محفل جي رونق
لباسن جا جهُرمٽ
اهي سڀ مسافر ترسيا پيا هِن
انهن کي تون پنهنجي خيرات ڏئي ڇڏ
ڏئي ڇڏ تون ڪنهن کي مُرڪن جي پيالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن کي ٿڪن جا ڪجهه سڪا
ڪنهن کي جلون جي روشن بينائي
اڙي شاهزادي
تون پنهنجي خزانن کي تالا نه هڻجان
تون پنهنجي ڏکن کي سين ساڻ وندجان
اڙي شاهزادي
چا توکي خبر آ
ته هن زندگيءَ جي سُهاڻي سفر ۾
اسان کان جي هٿرو ڇڏائي وڃن ٿا،
ڪاڏي وڃن ٿا؟
اهي جيت جي ليڪ جلدي ٽپن ٿا
اسان پڙ اها جِيت جي ليڪ چاهيون ٽپڙ ٿا
اهو ڏوڙ جي راند جو قافلو آ
ڪي جلدي پُڄن ٿا
ڪي اڌان ڏوڙ جي قافلي ۾ ڏکن ٿا
اسان سڀ انهيءَ ڏوڙ ۾ گڏ آهيون
انهيءَ قافلي کي هلڻ ڏي
اڙي شاهزادي
تون پنهنجي خزانن کي تالا نه هڻجان
سفر جاري رکجان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



عشق جو بيان آهي

عشق جو بيان آهي
ڪيترو پڌي سگھندين ۽
زندگي ته ٿوري آ
ڳالھ ھڪ گھڙيءَ جي آ
۽ اھا گھڙي ھڪڙي
زندگيءَ ۾ معنيٰ ڪا
ڪيئن ٿي ڪري پيدا
ان کان پوءِ حياتي ھيءَ
ان گھڙيءَ جو اينگھ آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر طرف اهي ئي رنگ
هر طرف اُها خوشبو
چو طرف پکيڙ آهي، پُونءِ تي بهار آهي
حُسن ترورا آهي
کيترا ڏسي ڏسندين ءَ
عشق جو بيان آهي...

پير کيئن کريا هئا جڏ
ڏارکي تو ڏوٽيو هئو، ياد کر انهيءَ ڏُن کي
نيٽ تنهنجا تندريل هئا
کيترن ئي خوابن سان
منهنجي دل به تندريل هئي
کيترن ئي جذبن سان
بس اهو ئي هڪ لمحو زندگيءَ ۾ افضل آ
باقي سپ وڏاءُ آهي
عشق جو بيان آهي...

ياد کر جڏهن منهنجي
اک ۾ پيو ڪڪ هئو
زور سان تو ڦوکيو هئو
ڏئي پلئه کو ململ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوسڙو اهو احساس
روح ۾ رهي پيو آ
بس رڳو اهو احساس
منهنجي لئہ جواز آهي
توسان ايڏي قربت جو
تون ٻلي هلي وئي آن
منهنجي لاءِ مون وٽ آن
دنيا سان منهنجو ڇاهي...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غصو

اشارن ۾ ڳالهيون ڪرڻ جو زمانو
گهڻو وقت ٿيو جو گذري ويو آ
شهر جي غصي کي
ناهي ضرورت ڪنهن ديوار جي
جوان تي اُکر جي
اعلان ٻڌجي
ماڻهن جي آڏو ظاهر ٿئي
هاڻي ته هر شيءِ
جيڪا به سچ آ
جيڪا به حق آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر ڪنهن جي آڏو موجود آهي
رڳو بي حسي آ
رڳو بي وسي آ
ڪو سرواڻ نه آهي
ڪوئي سالار ناهي
رڳو دعويٰ وارا آهن بچيا
انهن ڪان جي پڇجي
سياست جي بازيگرن ڪان جي پُڇجي
چون ٿا ته ٽڪراءُ جو وقت ناهي
ڇ فرد جيڪو پنهنجي ئي گھر ۾
محبوس آهي، تي وي ڏسي ٿو
پاراتو ڏئي ٿو
انهيءَ کي جنهن هن کي
مٿي وارو هٿ ڏئي سمجهايو هجو
”خوشحالي ايندي
جي ٽيڪنالوجي ترقي ڪندي!!
سياست ۾ چاهي!
ڇ هاڻي هر شيءِ آ. Live ٿي وئي
ٽيليفون ڇ نيٽ سستا ٿيا هِن
پئي پاسي
B.P، شگر، ڊپريشن وڌيا هِن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايوان سارا اغوا ٿيا هِن،
فرد جو فرد سان رابطو کو نہ آهي.
"رگو مان" جي ٿيوري هلي آ رهي
ع پنهنجي کمري ۾
محبوس سو شخص
سوچي رهيو آ
هاڻي اهو کم به ڇا
ٿيڪنالوجي کندي.
چينل مان نڪري
هر شخص پاهرانچي
ٽاهوکو چنبو غاصب جي منهن تي
وهائي ڪيي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سونهن جي پاسي ٿيڙ چاهيان ٿو مان
پيا ڇڏي توڏي ٿيڙ چاهيان ٿو مان

تو اجا ناهي فنا تي غور ڪيو
ع فنا تو ۾ ٿيڙ چاهيان ٿو مان

تنهنجي اُڙ ترڙ جو ته آ احساس پر
پاڙ کي ظاهر ڪرڙ چاهيان ٿو مان

تنهنجي يادن جو وچائي غاليچو
ع مٽان ان تي سُمهڙ چاهيان ٿو مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



باڪ جي شادي جي حوالي سان

هڪڙي حسين سوچ
تخيل ۾ هئي رهي
ان کي بيان ڪرڻ لئه
مون شاعري ڪئي
هر ڪنهن پڇيو ته ڪير
اها ڪير ٿي لڳي
سا ڌِڻ جي هوندي به مگر
اڻ سلي رهي
سو حسن نيٺ روپ وڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي گهر لٹو
ع ڪير جهڙي ليک
افق تي ڪڍي ويو
هڪ نئون سفر شروع ٿيو
منهنجي حيات جو
ع وک وک گل ٽڙيا
ڏينهن رات جو
مون کي ڏنائين فرحتن ع راحتن
جو سمنڊ
جنهن مان ٽٻيون هٽي
مان توانو سدا رهيس
ڪاوڙ نه مون کي آئي
ڏڏو ايئن ٿي ويس
هر ڪنهن لئہ مرڪ منهن تي
اوڍي سدا رهيس
ٿڪ هن جا سدا سرهاڻ واس ڏين
لڙڪ هن جا اندر جو چير ڦاڙ ڪن
منهنجي مزاج منهنجي عمل جي
اها ڪنجي
اڄ هڪ نئين تخليق جي لئہ مون سپرد ڪئي
آهي دعا ته حسن ع هن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بقا رهي
پنهنجي وجود سان
اجالا وڇي ڪري
هن ڪائنات کي نئين خيرات
هوءَ ڪري
منهنجي حيات جي اٿو ٻاڪ
سپ ڏسو
هيءَ ڪنوار منهنجي پيار جي
آ ساڪ
سپ ڏسو.

ٻاڪ (وڏي ڏيءُ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



منهنجي کهڙي هستي آ !!

منهنجي کهڙي هستي آ !!
ڪائنات ۾ تون آن، حسن جي تجلي ٿي
هر وجود جي آڏو روشني پکيڙين ٿي
ڏينهن جو تون سج آهين
رات جو به چند سان گڏ
بي شمار تارا آن،
ڪيتري اَياڻي آن
تون نه ٿي اهو ڄاڻين
تنهنجي هڪڙي چُمڙيءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پل اُها هجي ڪن پل،
هوندي ڪهڙي مستي آ؟

تون جڏهن ملين ٿي ۽
ٿورڙو ڪلين ٿي پوءِ
ڪيئن هي سڄو پاڙو
بيخودي ۽ ۾ جهومي ٿو
تنهنجي آڏو مان ڇاهيان
منهنجي ڪهڙي هستي آ

هي اداس بستي آ
جيڪا منهنجي دل آهي
پر انهيءَ جي سرشاري
ساري تو وهيٽي آ
منهنجا هٿ پڌل آهن
ڪيئن توکي ترسايان
تون پين وهيٽي آ
ڪيئن دل کي مان دائم
فرحتن ۾ ڪيڏايان؟
منهنجي ڪهڙي هستي آ
هيءَ اداس بستي آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آدميءَ ۾ پستي آ
درگذر چڏي هٿ مان
رهه گذر وٽي اهڙي
جنهن ۾ ساڻ ڪيني جي
گپ، چڪ پکڙيل آ
پير جنهن مان هاڻي، هو
ڪيئن ڪڍائي؟ سوچي ٿو.
پيار جا حسين جهرٽا
پوئتي ئي رهجي ويا
جن ۾ ڏوپجي ماٺهو
مرتبو هو ماٽيندو
هاٽي ڪهڙي هستي آ
آدميءَ ۾ پستي آ

جان منهنجي سستي آ
تون جڏهن پڌرٽ چاهين
حال پنهنجو اوريان مان
تنهنجو ڏيان مون ڏي ٿئي
پوءِ مون کي چا گهرجي
دل کي ايئن اوتيان مان
جيئن نار جون لوٽيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ءِ اهو هلي هر دم
اِن ۾ پاڻ جوتيان مان
وهندي وهندي گهجان مان
منهنجي کڻي هستي آ
منهنجي جان سستي آ

تنهنجو روپ اَلستي آ
تنهنجو ساٿ لمحي جو به
منهنجي لئه حياتي آ
کيڏي هونئن ڏکي آهي
وک وک وڌڻو آ
پاڻ کي گهلڻو آ
کيئن مان کٽيان هان، جي
تنهنجي ساهه جي ڏنوٽي
کو نه مون کي سيکي هان
ءِ تنهنجي جسم جو بخمل
نه ٽڏکان بچائي هان
تنهنجو روپ الستي آ
منهنجي کڻي هستي آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نظم

روکي وجهين هان!

اکين مان نگاهون رَسَن جيان وَٽي
انهن سان ڇڪي مونکي پنهنجي بدن سان
چيپي ڇڏين هان
هٿن کي مروڙي پنهنجي هٿن سان
منهنجي چپن کي پنهنجي چپن سان
وڏي مينهن وانگي ڇڄائي ڇڏين هان
ڏوبيءَ جيان
ورائي ورائي ساڻو وجهي
وجودئون ئي مونکي وڃائي ڇڏين هان
اڙي اوپياري
وڃ ڇو ڏنئي
روکي وجهين هان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نظم

وري چوندي تہ ايڏا ڪوڙ
تون چو ٿو هٽين مون سان
جڏهن هن کي ٻڌائيندُم
تہ تنهنجي روپ جي هڪڙي ادا
مون کي ملي ماڏوري ڏکشت ۾
تہ مان جهَٽ ۾!
اها تصوير ڪمري ۾ لڳائي آ
۽ تنهنجي سِڪ لاهڻ جي
نئين ڪوشش ڪئي آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَجيندي ڪانہ ۽ چوندي
تہ ايڏا ڪوڙ تون چوٿو ھٽين مون سان.
جڏھن ھن کي پڏائيندم
تہ توکان پوءِ سمورا ڏينھن
اکيون منھنجون رھيون اٽکيل
تنھنجن ڏورن جي جادوءَ ۾
قابوءَ ۾ رھي ئي ڪا نہ پئي دل جا رڳو
ھلي ويندي تو ڏانھن ڊوڙي پئي
ڪلي چوندي تہ ايڏا ڪوڙ تون
چو ٿو ھٽين مون سان
مگر مون کي يقين آھي
ڪڏھن خاموش ڪنھن پل ۾
بدن پنھنجي جي بخمل ۾
ڇڏيندي مون کي ايئن ويڙھي
ازل جا ٽڪ لھي پوندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



حَسن درس جي مرتئي تي

ينَيرکي ۽ يُونءِ چڏي وَئين

نيـرُ ننـڍاکـا تولئہ آتا
تِـن ۽ سـاگر گـوڙهن جا تون
پنهنجي بدران کيئن رکي وئين
ينَيـرکي ۽ يُونءِ چڏي وَئين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي پيرن جون رولاکيون
نيٽن واريون گهورَ ڪُڦائون
پرکڻ، پُرجهڻ لاءِ ڇڏي وئين
پنَهڑکي ۾ يُونءِ ڇڏي وَئين

شاعر هُئين يا عاشق هئين تُون،
تنها هُئين يا مجلس بازُ
هررڻ هنيلو تنهنجو من هئو
يا الفي پاتل سراپا نياز
جيون پنهنجو ڪري پرولي اُڇلائي
وئين پنَهڑکي ۾ يُونءِ ڇڏي وَئين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مون کي ساهه سنگهڻ ڏي پنهنجو
مون کي مست الست ٿيڻ ڏي

مون تي ڪير بدن جو هاري
منهنجو سارو ميرُ ڏوئڻ ڏي

مون ۾ پنهنجا نيڻ ڪپائي
مَن جي اونداهيءَ کي هٽڻ ڏي

مون کي رنگ ۾ پنهنجي رنگي ڇڏ
ڪو نہ ٻيو ڪو رنگ چڙهڻ ڏي

چوٽي مون مان هٽ ڪيين تون
مون کي جَهل مونکي نہ رلڻ ڏي

"ماڻهوءَ جائي ماڻهو آهين"
ماڻهن کي تون ڪوڙ هٽڻ ڏي

اکيون کول ۽ چپ ڏيرا ڪر
دل کي ڪولي خوب ڪلڻ ڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽائي

اسانجي سُونهَن اسانجو ساهُ
پٽائي شاهُ، پٽائي شاهه

اها بولي نه ٿي مِٽجي
اها لولي نه ٿي وسري
ڦٽي جيڪا مٽيءَ مان آ
مِٽي جيڪا هي آدم آ
اهو آ معجزو ان جو
اهو آ مرتبو ان جو
اهو ئي آ اسانجي راهه
پٽائي شاهه، پٽائي شاهه

انهيءَ جو آ جو ڏتڙيل آ
انهيءَ جو آ جو وِرسيل آ
پَهَو آ زخم چڪندڙ جو
اَجَهو آ عشق اُٽندڙ جو
سهارو نار جو آهي
جَهلو جُهونجهار جو آهي
سنڌي جِت جِت، اتي هُو آهه
پٽائي شاهه، پٽائي شاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



افسوس

ڪيتري افسوس جي ڳالهه آهي -
اڄا حمد ۽ ترانو پڙهي
اسڪولي ٻار
بينچن تي ويٺا ئي مس هوندا
ته دهشت هنن جي اکين مان ظاهر ٿي هوندي-

ڪيڏي افسوس جي ڳالهه آهي
ته صبح جي مهڪندڙ ۽ ٺڏڙي هير ۾
هزاره ۽ ڪشمير جي بلند ٻهاڙن کي
ڏسندڙ مسافر (ٽوئرسٽ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پيرن هيٺان زمين کسڪي وئي هوندي-
ڪيڏي افسوس جي ڳالهه آهي
ته جيڪو مسافر وڃڻ دوران نظارا ڏسندو ويو
موٽڻ تي اهي هڻا ئي ڪونه -

ڪيڏي افسوس جي ڳالهه آهي
جو اسان کي هڪ ئي سان
پيار ۽ همدردي ڏيکارڻ لاءِ
هڪ وڏي ۽ ٻيانڪ
زلزلي جي ضرورت آهي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ملالہ جي بھاني
(پنھنجي لاءِ ھڪ نظم)

ملالہ کي مان ڪونہ سُجاڻان
مان اُن جي خاندان کي بہ
ڪونہ سجاڻان -
مونکي ھن جي سوچڻ جي انداز جي بہ
خبر نہ آھي -
پر پوءِ بہ مونکي ڏاڍو ملال ٿيو -
ان واقعي جو -
پوءِ مان پنھنجي دل کي ڦولھيو
تہ اندر جي گھرائيءَ ۾
ھڪڙو لمحو مليو
جڏھن ھڪ سورنھن سالن جي نوجوان کي
جيڪو پنھنجي ڏرتي ءِ پنھنجن ماڻھن
جي بلند وقار لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي قد بُتَ کان وڏيون ڳالهيون ڪرڻ لڳو هئو
بندوق جي ناليءَ سان ڇُهي
هيسايو هئو-
اهو هيسايل ٻار
ڏينهن رات جي ڳٽ سان ڳڏ
وڏو ٿيندو ويو
هن جي ذرتيءَ ان جي ماڻهن جي
عزتِ نفس کي پامال ڪيو ويو
هن کي پنهنجي وفاداري
ثابت ڪرڻ لاءِ
هڪ نئين اَينٽري ٽيسٽ مان گذرڻو پيو-
ان ڀَڄُ ڀُڪَ ۾
هو ماحول کان ڪٽجي ويو
اندر ئي اندر ۾ گُم ٿيندو ويو-
جڏ ڏِگهي ننڊ سمهي پيو
ءِ اوچتو ئي
جڏ هن کي ڪنهن خواب مان جاڳايو
ملالہ کي مٿي ۾ گولي هنئي وئي آهي-
ڇا ملالہ اکيون کوليندي؟
ڇا اهو هيسيل ٻار
پنهنجي ڏِگهي ننڊ مان اٿندو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نظم
(اسلام آباد مان ملڪ لاءِ)
ڏکارو نياپو

تنهنجو ڏکارو نياپو،
منهنجي اکين لاءِ ڪٽي پاٽي آيو..
۽ تنهنجي ڳِراتي جڏهن ياد آئي
تہ دل جڙ تہ سيني ۾ ڦٽڪي پئي آ ...
وري ڏس تصَوُرَ ڪيڏي ڊُک ٻري آ
ڏسڻ لاءِ اهو اُپ ڏُکرو جو تنهنجي اُگڙ جي
مٽان آ وڃايل ....

تنهنجون مهمانيون ۽ سي آسيسيون
ڏسڻ لاءِ تصور کيڏي ڊُک ڀري آ .....
ڀلا کيئن تو ڄاتو،
ته توکي مان ڪنهن پل وساري سگهان ٿو....
ڀلا کيئن تو ڄاتو،
ته توسان محبت لاءِ اظهار گهرجي،
ڀلا کيئن تو ڄاتو،
ته تنهنجو بدل ڪو منهنجي لاءِ ٻيو آ
جو تنهنجو ڏُکارو نياپو مون تائين پهتو.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



غزل

وينگس وينيِ وار سُڪائي
چا نہ جواني، چا اوسيئڙو

وينيِ، ڳڙڪيءَ ڪان پئي نِهاري
بُوند نہ چا هئي !، چا اوهيڙو

چندرما جهڙي چهري تي
چا نہ سُونهين ٿو پيو موهيڙو

پيچ پِني آهي ڳوڙهن سان
ياد نہ جهڙي آ ڪوهيڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



وائي

ڏَڻ ورن ٿــا، دَرَ اُڏــي ٿــي
شامراچي ٿي

گھڙو مٿي تي، مُرڪ چپن تي
ساهيڙن سان ڪِلندي اچي ٿي
شامراچي ٿي

پــوياڙيءَ جــا پــاڇــا آهــن
ولرکان وِڇڙيل ڪونج وجي ٿي
شامراچي ٿي

هر ڪُلهي تي، پَري مٿي تي
هارياڻي ڪا ٽِلندي اچي ٿي
شامراچي ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كتاب تي آيل رايا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪتاب جو وڻ ورق اٽلائيندي مون محسوس ڪيو ڇڻ جديد شاعريءَ جون تقاضائون پوريون ڪندي هي ڪتاب جديد سنڌي شاعري جي علامت بڻجي ويو هجي. شاعريءَ ڪي محبتي ماڻهن جي دلين جي التجا سمجهي پڙهڻ گهرجي، انهن جي ڪيفيتن ۾ سمائجي وڃڻ گهرجي تہ جيئن سندن ڪيل پورهئي کي ڪوئي سڪون ملي سگهي.

امر پيرزادو

جڏهن متيءَ جو گارو ڪري گهر جو اڳڻ لنبيو آهي، ڇڻ سانوٽيءَ جو ساٿ ڪيو آهي. اهو آلو اڳڻ اُس ۾ هوا تي ٻيئن، جيئن سڪندو آهي. تيئن ان مان آلي متيءَ جي مَهَڪَ نڪرندي آهي. جيڪا گارو ڪندڙ جو ٿڪ لاهيندي آهي تہ شاعر پنهنجي پرينءَ جي احساس کي آلي اڳڻ جي مهڪ وانگر ڇانئجڻ مان پيار جي پيڙا جو ٿڪ لاٿو آهي. صاف ۾ سرهاڻ پريو ساهہ ڪنيو آهي.

فيض پيرزادو

شاهہ محمد پيرزادو گهڻ رخو شاعر آهي، جهڙيءَ ريت هو عالمي حوالي سان انساني حقن جي لتاڙ کي محسوس ڪري ٿو اوترو ئي هن پنهنجي داخلي احساسن جي ترجماني ۾ ڪئي آهي ۾ ڪٿي تہ هو پنهنجي ڳوٺ کي ايئن ٿو ساري جو لڳي ئي نہ ٿو تہ هو ڪو هڪ پل ۾ ڳوٺ کان ڌار ٿيو آهي، ڇا جيڪڏهن ڪو شاعر ثقافتي طور سان پنهنجي ڌرتيءَ ۾ ايڏيون پختيون پاڙون کوڙيون ٻيٺو هجي تہ ڇا تاريخ کيس پنهنجي سيني سان لائڻ ۾ ڪا ڪسر ڇڏيندي؟

غوث پيرزادو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ پاڻڪ جي حيثيت ۾ مون کي حيرت جي حد تائين هن ڪتاب ۾ انهن آيل نظمن جي انفراديت اها لڳي آهي ته اڄ جي نئين يُگ ۾ جڏهن هر شخص (لکندڙ آهي يا پڙهندڙ) تي ميڊيا پنهنجو زوردار اثر وجهي رهي آهي ان سمي شاهه محمد جي نظمن ۾ ڪٽي به اشتهار بازيءَ يا دماغ سوزيءَ جو ڪو به اثر نظر نٿو اچي. هيءُ نظر اسان جي سموري ڪلاسيڪي شاعريءَ وانگر شاعر جي وجداني ڪيفيت ۽ جذباتي سچاين جو ڏجُ اظهار آهي ۽ اهو به الڳ ڏڪشن سان جنهن جو خالق به شاهه محمد پاڻ آهي.

رکيل مورائي

شاهن هڪ طرفي محبت جو قائل شاعر ناهي پر هيءُ انهيءَ مهل جو شاعر آهي جنهن مهل محبوب سان ملي نٿو سگهجي ۽ بيتابي وڌندي رهي ٿي. هي سڄو ڪتاب انهيءَ وڌندڙ بيتابيءَ جو نتيجو آهي.

امير ابڙو

شاهه محمد جا نظم پڙهندي، ڪيترن ئي هنڌن تي هن جي ڏڪشن مان لوڪ رنگ جهلڪندي نظر اچن ٿا ۽ ڪٽي ڪٽي سندس مشاهدي ۽ تجربي سان ريس به ٿئي ٿي.

علي حسن چانڊيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



شاهہ محمد جي غزل مان رومانوي سُر اُپري ٿو واسديو موهي

شاهہ محمد پيرزادو دراصل نظم جو شاعر آهي، پر روُنگ ۾ هُن گيت، وايون، ترائيل، بيت، ٽيڑوءِ غزل بہ لکيا آهن. شاهہ 1978 کان شاعري ڪندو پيو اچي . هُن سنڌي ادب جون ڪي رچنائون اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيون آهن. جن ۾ شيخ ايازجي شاعري جو انگريزي ترجمو بہ شامل آهي.

شاهہ محمد جو مذڪور ڪتاب آرٽ پيپر تي ڇپيل خوبصورت رچنا آهي .

ان ۾ ڏنل ٿورن غزلن ۾ مڪيہ طور رومانوي سُر اُپري ٿو. پر اُهو روايتي پٽڻين تي هلندڙ رومان ڪونهي . ان ۾ اظهار جي الڳيت آهي جا ڏيان جوڳي آهي :

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سُونهن جون سَوَ صُورتون

شاهہ محمد پيرزادو

پريم پرڪاش

پـر تو منهنجي اکين ۾
گهوريـو ئـي ناهي
پـر تو منهنجي چپڙن کي
چوسيـو ئي ناهـي
تـون چـا چا ٽين
تـوکي ڏسڻ سـان
منهنجـي اندر ۾
چـا چـا ٿئي ٿو.

پاڻ ۾ قاتلانہ خوبصورت آهي، فوٽو ۾ عشق جي اوور فلو جذبات واري رومانوي نظمن لاءِ هن 225 صفحا ئي تہ ڏنا آهن (ماڻهو زندگي ڏئي ڇڏيندا آهن) ۽ ايڏا اوسيڙي ۾ ويٺو آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ڪيترين حسينائن هن ڪي ڏسڻ بعد شعر لکيا هوندا. اميد ته ان بعد انهن حسينائن جا مجموعا پڙهڻ لاءِ ملندا.)

... هت هڪ ڳالهه واضح ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان: نئين خون ۾ روولٽ ڪرڻ به ته هوندي آهي. ان لاءِ جوکم کڻڻ جي چيز آهي. ورنه مزو ڪهڙو؟

... موضوع جي ٽريٽمينٽ: ڪاب صنف، ڪوتا، نثري نظم، غزل وغيره صرف نون موضوعن يا نون موضوعن جي پراڻي ٽريٽمينٽ، نباهه ۾ نئين ڪانه ٿيندي آهي. ان جو اڳ ذڪر ڪيل آهي. ان لاءِ نئين ذهنيت ته جڙيل آهي ئي، پر نون موضوعن کي موزون، نئين ٻولي ڏيڻ ۾ به ڪوي شاعر جي تخيلقي سڃاڻي ۽ قوت ڪپندي آهي. ڇوڙ جو ضرور ناهي ته اها ڇڻڇاهٽ ۾ري تلاش سُٽري ناهي. فن جي تلاش ۽ تراش جو ڪو انت ئي ڪونهي. ته اها ئي ٻولي پنهنجي تلاشيل نئين tool سان ڪوتا جي اظهار کي تازگي به ڏي ته ٻوليءَ ۾ نئين حوالائي قوت خواهه معنائن جي ويڪري رينج به رکي. ساڳئي وقت گهٽ لفظن جي استعمال سان ڪافي ڪجهه چئي وڃڻ جي ملاهيت به ڏيڪاري. ان ڪيميائيَ پرڪريا مان ئي نوان تازه اظهار يعني پيشڪش جا طريقا محيا ٿيندا آهن. اتي هڪ ڪوي رچناڪار نه صرف ٻين کان الڳ ٿئي ٿو بلڪ، پنهنجي نجي سڃاڻپ به جوڙي ٿو ته روايتي ذهنيت کان هٽي، نئين تازه ذهنيت جو هڳاءُ پنهنجي ڪوتا، نظم ۾ موڪائي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



عشق جا نقش ۽ دل جو رقص

انور ابڙو

مون کان سنڌ جي مٿيءَ پڇيو ته، "اهو کهڙو شاعر آهي، جيڪو چوي ٿو ته، آءٌ جو (ڊيهين سيپٽمبر) ناهيان- ۽ نه، (پهرين آڪٽوبر) آهيان. ڇا اهو ان سرمست سوچ جو تسلسل آهي، جنهن چيو آهي ته:

نا مين شيعه نا مين سني، ڇا اهو، جو ئي آهي- سو ئي آهي؟، جي ائين آهي ته پوءِ 'سونهن جون سوين صورتون' کهڙيون آهن؟"

مون کيس شاهه محمد پيرزادي جو ڪتاب ڪٽي ڏنوهن اُن کي ڏنوءِ مُرڪي ڏنائين. هوءَ ان شاعر کي سڃاڻي پئي. هوءَ ان کي هڪ ويڌ سمجهي پئي، جيڪو مُهين جي دڙي جي پرسان سنڌوءَ جي ڪناري تي لکيو ويو هيو. هن نماڻائيءَ واري لهجي ۾ تخليق ڪيل ان نفيس شاعريءَ کي دل جي سار ۽ پرينءَ جي ڪا ميار پئي سمجهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اِن شاعريءَ کي غور سان پڙهجانءِ ۽ سمجهجانءِ" هوءَ ائين چئي لاڙ ۾ پاٽيءَ هيٺ آيل جهوپڙي ۾ گهڙي ويئي.

هوءَ اهو سيڪجهه ڄاڻي ۽ سڀ ڪنهن کي سڃاڻي پئي. هوءَ آئي هئي، رڳو اهو ٻڌائڻ ته، "جيڪو شاعر پاڻ کي نه 'ٽيهين سيپٽمبر' ٿو چوي ۽ نه 'پهرئين آڪٽوبر' مان اُن جي اِن فلسفي کي سمجهان." پر مون لئه ته هيءَ شاعري "جوڳيءَ تي جڙاءُ نسورو ئي نينهن جو" وانگر آهي. مينهن ته آيو ٻوڙان ٻوڙ ڪري ويو پر هيءَ شاعري ته جيئاري ٿي ۽ اهو محسوس ڪرائي ٿي ته، "شاعري محبوب جو بدن ٿيندي آهي. اها اُن جي وارن جي ڇَڪَن ۾ لڪل ڪو طوفان ٿيندي آهي. اها اُن جي اکين جو غضب ٿيندي آهي ۽ اها اُن جي رسڻ ۽ پرچڻ جي وچ واري واٽ تي ٻانهون ٻڌي بيٺل هوندي آهي. شاعري جي انقلابي به هوندي آهي، تڏهن به اها انقلاب جي عاشقن جي اکين جو تجلو هوندي آهي. انهن جي دلين جي دعا هوندي آهي ۽ انهن جي دلين جي هندورن ۾ هڪ خواب کي لوڏيندي ۽ جوان ڪندي رهندي آهي.

اِها بندوق ۽ آکيري وارو تڪرار ناهي هوندي - ۽ نه ئي اِن جي لفظن جي پاڪائي ڏي سوال ٻڌبي آهي.

مون ته هميشه شاعريءَ کي دل جي روشني ۽ دماغ جي ديوانگي سمجهيو آهي. پٽائي، سچل، سامي، حافظ، خيام، غالب، گوئٽي، فيض، ايان ساغر صديقي، شمشيرالحيدري، انور پيرزادي، تاج بلوچ، امداد حسيني ۽ نسرين انجم ٻٽي، جنهن جو هڪ نظم آهي:

رات ساري صبح تک بيتي
اور صبح آئي تو انڌي ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان وٺي حسن مجتبيٰ، حسن درس، اعجاز منگي، عطيہ دائود، جان خاصخيلي، ومي سندارنگاٽي، ايازجاني ۽ شاهہ محمد پيرزادي تائين، سيني جي شاعريءَ جي درد ۽ نينهن جي بي ساختہ اُڇل رڳوانهن کي سمجهہ ۾ ايندي، جن عاشقيءَ جي اسيريءَ ۾ پنهنجي زندگي گذاري هوندي.

ڪجهہ دوست شاهہ محمد پيرزادي جي ڪتاب جولي آئوٽ ڏسندا، ان جو فونٽ ڏسندا، شاعريءَ جو گهاڙتو ڏسندا، موضوعن جو تنقيدي جائزو وٺندا ۽ ان مان مختلف نظريا ڳولهيندا اهڙن هارن وانگر، جيڪي برسات کانپوءِ متيءَ مان ڪوڏ، سِپون ۽ سِڪا ڳولهيندا آهن - يا ٽائيٽل تي ڳالهائيندا، پر منهنجون اکيون ان ڪتاب ۾موجود شاعريءَ جي درد جي دل جي ڳڙڪي ڳولين ٿيون، جنهن مان مون کي ان سهاڄي چوکريءَ جا مٽي جا چيڙهہ ورتل وار نظر اچن ٿا، جنهن جي بيگناهي کاڙيءَ جي واڙ خلاف هڪ فرياد آهي. مون کي ان ۾ سنڌ جي اُن چوکريءَ جي ٻہ تصوير نظر اچي ٿي، جنهن کي پيار وارو قيد آزاديءَ وانگر محسوس ٿيندو آهي - ۽ جيڪا سنڌي سماج ۾ پنهنجي پيار جا پيرڙا، ڏج ۾ ڏاهيندي ته وڃي ٿي، پر هوءَ اهو نہ ٿي سمجهي ته سندس عشق جا نقش هن ديس جي چولي تي ٽاڪجي چڪا آهن، جن کي هاڻي ڪير ٻہ توڙي نٿو سگهي.

شاهہ محمد پيرزادي جي شاعري هڪ اهڙي وادي‌ءَ وانگر آهي، جنهن ۾ ماڻهو داخل ته ٿيندو آهي، پر پوءِ اُن مان ٻاهر نڪرڻ جون سڀ واٽون وساري وڃهي رهندو آهي. هن جي شاعري پڙهي ائين چئي سگهجي ٿو ته، "شاعري يا ته ٿيندي آهي يا ٿيندي ئي ناهي." جيئن اسان جي پئبلو نرودا چيو هيو:

Love to be

or

Not to be

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبوب، شاهہ محمد جي شاعريءَ جو محور- ۽ عشق جي لهجي ۾ پنهنجن احساسن ۽ جذبن جو اظهار سندس من جي برفباري آهي. هو پنهنجن خيالن جي اظهار کي عقاب جي جهڙپ جهڙي تيزي ڏئي ٿو ۽ پنڌتي پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ تي هميشہ تازو رهندڙ هڪ ڇهاءُ ڇڏي وڃي ٿو. هو ڏوراپا ڏئي ٿو شڪايتون ڪري ٿو پنهنجي ياد جا فائيل کولي ٿو ڳوٺ، ڳليون ۽ پنهنجي پيار جون ساريون سڃايون، جيئن مَن ۾ اچنس ٿيون، تيئن بيان ڪري ٿو پر شايد اهو نٿو ڄاڻي تہ سندس ان شاعريءَ جي رمز جهم ۾ ٻيا ڪيترا عاشق پنهنجي پناهہ حاصل ڪندا. سچ پچو تہ شاهہ محمد جي شاعريءَ ذريعي، مون کي محبت جي معصوميت سمجهہ ۾ آئي آهي.

هن شاعريءَ ۾ اوهان کي محبوب جي بندگيءَ وارو روايتي خيال هرگز نہ ملندو. هيءَ شاعري تہ عشق جو مهاڳ آهي. پيار جي خوشبوءِ کي پنهنجي ٻٽونءَ جي ڪنهن ڳُجهي خاني ۾ رکو شاهہ محمد ئي رکي سگهي ٿو. سندس محبت ئي سندس قلم کي شاعراڻي زبان ڏني آهي.

هو تہ سنڌي شاعريءَ جي سمنڊ ۾ پنهنجو هڪ ننڍڙو ٻيٹ ناهي، اُن تي پنهنجن شاعراڻن خيالن جو هڪ ننڍڙو محل اڏي ويٺو آهي.

تون ڪاوڙجي وئين آن
۽ مان هن وقت بلڪل ساڳي ڪيفيت ۾ آهيان
جڏهن ننڍي هوندي
مون کي ڏاڍي بک لڳي هئي.

****

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونھن جون سَو صورتون

شاھ محمد پیرزادو

It can be said that Shah Muhammad Pirzada was born with a sliver quill and ink in his hands as he is the scion of a well-known family of fiery revolutionaries and poets from the village Balhreji which was once dubbed as Little Moscow in Larkana. These two elements fuse together to form the basis of his poetry. I first encountered his poems from the days of the MRD movement which gave voice to a courageous struggle against dictatorship which wielded an unholy alliance of terrorism and brutality but could not suppress the note of defiance in Sindhi poetry. The poems Shah Muhammad Pirzada wrote in those days too were infused with the feelings of love and empathy. It seemed that a poet of love and beauty is lost in the wilderness of dark times. Over the years, the element of love has triumphed and come to the forefront in his poetry. However, like his politics, the expression of love too is different from the usual for Shah Muhammad Pirzada. The feeling of love in these poems does not give rise to a sensuosness or physical abandon but the inherent lyricism is infused with a sadness, an inconsolable pain and loss. It is the poetry of a strange separation not only from the beloved but also from the universe, which is half-realized and somehow beyond words ----- it is an unforgettable glimpse of all the beauty and wisdom of the universe which seems to be within your grasp and yet remains shimmering away in the distance beyond all imagination.

Asif Farrukhi

ISBN # 978-969-568-111-4
Rs. 300/=

SCHEHERZADE

www.scheherzade.com.pk
info@scheherzade.com.pk

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڑھندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڇٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪاڪُو، پاڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڑھندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑھندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑھندڙ نَسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اَھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا **پَنَ** بہ مختلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وڻِھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ھِين لفظن ۾ **پَنَ** کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آھي.

کوشش اھا ھوندي تہ **پَنَ** جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ ھِڪَجِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَڻُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. **پَنَن** پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ھيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن کو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنھن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مجن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ برِ جٹ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛
... ...
ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ برِ جٹ گوريلا آهن.....
... ...
هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،
جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڄاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهٹ تہ "هاٽي ويڑهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهٹ تي وقت نہ وڃايو" نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهٹ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڍي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا پاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ".
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)